




داس چرنسنگھ



راڈا سوامی ستسنگ بیاس (پنجاب)

Published by Shri S. L. Sondhi
Secretary Radha Saomi Satsang
Beas (Punjab)

دفعو پهريون] آڪٽوبر ١٩٦٨ [جلد ٥٠٠٠
دفعو ٻيون] آگسٽ ١٩٧٦ [جلد ٥٠٠٠

Printed by Shri Girdharilal Gur
at Kohinoor Printers
Shekha Mohalla, Ajmer.

مهاڳ

سنت مارگ ۽ راڌا سوامي ستسنگ بياس جي موجو
سنت ستگورو مهاراج چرنسنگهه جن سنت مت يا گورو م
جي مول سڌانتن کي نهايت سرل ۽ سنڌر ڍنگ سان سمجه
آهي. در اصل، هي پستڪ مهاراج جن سنڌن سنگره ڪ
"سنت باڻي" جي ڀومڪا ڪري لکيو هو پر روحانيت ج
جگياسن جي لاڀ واسطي انهيءَ کي الڳ پستڪ ج
روپ ۾ ڇپايو ويو.

سنت مارگ جا هندي، اردو، گرمکي ۽ انگريزي
ڇاپا اڳيئي ظاهر ٿي چڪا آهن ۽ هتي هي ڇاپو سنڌي
جنتا ۽ خاص ڪري ستسنگين ۽ پرمارٿي پريمين لاءِ پيش
ڪجي ٿو. شري ڪرشن ٻاٻاڻي هن ڪتاب جو سنڌي انواد
ڪيو ۽ شري منگهارام دلال ڇپائڻ جو پربنڌ ڪيو. اسين انهن
سڄڻن جا سنڌن سيوا لاءِ ٿورائتا آهيون.

ايس. ايل. سونڌي
سيڪريٽري

وشيه سوچي

سنت مارگ

"شڪر کنڊ نبات ڳڙ ماکيون ماجها ڏڌ،
سڀي وستون منيان رب نه پڄن تد."

(بابا فريد)

(کنڊ، مصري، نبات، ماکي ۽ مٺاڻ جو ڪير، اهي سڀ مٺا آهن پر اي پرماتما! جيڪو تو ۾ مٺاڄ آهي، جيڪو تنهنجي ڀڳتيءَ ۾ آنند آهي انهيءَ سان ڪنهن به دنيوي رس جو مقابلو ڪونهي.)

ڪهڙي به قوم، ڪهڙي به مذهب، ڪهڙي به ملڪ يا وقت ۾ جيڪي به مهاتما آيا آهن انهن سڀني جو ساڳيو انڀوءُ ۽ ساڳيو اپديش آهي. هو دنيا ۾ قوم يا مذهب ٺاهڻ نٿا اچن ۽ نه ئي اسان کي هڪ ٻئي سان لڙڻ ۽ جهڳڙڻ سيکارڻ ٿا. بلڪ هو اسان جي اندر مالڪ جي ڀڳتيءَ جو چاهه ۽ پيار پيدا ڪرڻ واسطي ۽ دنيا جي بندن کان آزاد ڪري، مالڪ سان ملائڻ واسطي اچن ٿا. ليڪن اسين دنيا جا جيو انهن مالڪ جي ڀڳتن ۽ پيارن جي وڃڻ بعد ٻاهر مکي ٿيو پئون ۽ ڪرم ڪانڊ ۾ ڦاسيو وڃون ۽ انهن مهاتمائن جي اصلي انڀو ۽ اپديش کي وساري ڇڏيون. انهن کانسواءِ هنن جي سچي تعليم ۽ روحانيت کي قومن ۽ ملڪن جي ننڍڙن ننڍڙن دائرن ۾ بند ڪري، هڪ ٻئي سان لڙڻ ۽ جهڳڙڻ شروع

ڪيو ڇڏيون. اهو سڀ پنهنجي مان وڌائڻ واسطي يا پنهنجي
بيت ظاهر ڪرائون ٿا. جڏهن وقت اسين انهن مهاتمائن جي
سکيا، جا ڪل عالم واسطي ساڃهه ڏيندي آهي، تنهن کي
لنڊن لنڊن دائرن ۾ بند ڪري قومن ۽ مذهبن جي شڪل
ڏيڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا ته انهن مالڪ جي ٻچن سان
انهيءَ کان وڏو ڪو ٻي ڪهڙي بي انصافي ٿي سگهندي!

مهاتما سڀ کان پهرين اها ڳالهه سمجهائين ٿا ته هيءَ رچنا
جا نظارا اچي رهي آهي ۽ جيڪو دنيا کي هلندو چلندو
ڏسون ٿا سو سڀ ڪنهن کان پاڻهي پيدا ڪونه ٿيو آهي. انهيءَ
رچنا جو ڪرڻ ڪو رچيندڙ ضرور آهي. اهو ڪير آهي؟
اهو هڪ ئي پرماتما آهي جنهن جا انسان پيار ۽ شرڌا ۾ اچي
گهڻئي نالا رکيا آهن. جيڪي ڪجهه اکين سان ڏسي رهيا
آهيون سو انهيءَ پرماتما ئي پيدا ڪيو آهي. اسانجي آتما
انهيءَ پرماتما جي انس آهي. اسين سڀ انهيءَ ست نام روپي
سمنڊ جا قطرا آهيون ۽ هڪ ئي سورج جا ڪرڻا آهيون.
ڪبير صاحب فرمائين ٿا:—

"ڪهه ڪبير اهي رام ڪي انس."

تلسي صاحب جن فرمائين ٿا:—

"چولي لوڪ بست اڪ سوامي،
جيو انس اس انترجامي."

گوسائين تلسيداس جن رامائڻ ۾ فرمائين ٿا:—

"ايشور انش جيو ابناشي،
ست چيتن گهن آنند راشي."

آتما انهيءَ هڪ رام يا پرماتما جي انس آهي. گورو نانڪ
صاحب جن پڻ انهيءَ اپديش ڏين ٿا:—

"آتم ۾ رام، رام ۾ آتم،
چينس گورو بيچارنا."

يعني آتما جي اندر پرماتما آهي ۽ پرماتما جي اندر آتما آهي. مثال طور ٻڙ جو وڻ ڪيڏو نه وڏو ٿيندو آهي ۽ ان جو ٻج ڪيڏو ننڍڙو ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪير اسان ڪي سمجهائي ته هن ننڍڙي ٻج جي اندر هيڏو وڏو ٻڙ جو وڻ آهي ته اها ڳالهه آسانيءَ سان اسانجي سمجهه ۾ نه ايندي. ليڪن جنهن وقت اسين انهيءَ ٻج کي زمين ۾ چٽيون ٿا ۽ ان جي سنڀال ڪريون ٿا تڏهن آهستي آهستي ننڍڙي ٻوٽي مان وڏي ڪيڏو نه وڏو ٻڙ جو وڻ ٿي پوندو! پوءِ ئي اسان کي پتو پوندو ته انهيءَ ننڍڙي ٻج ۾ ايڏو وڏو ٻڙ جو وڻ آهي ۽ انهيءَ وڻ جي اندر ٻڙ جو ننڍو ٻج سمايل آهي. اهڙي طرح گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته جڏهن گورمکن ۽ مهاتمائن جي اپديش انوسار هاڻي پنهنجي اندر کوج ڪنداسين ته اسان کي پتو پوندو ته آتما جي اندر پرماتما آهي ۽ جنهن پرماتما جي اسين ڳولا ۾ آهيون اهو اسانجي آتما جي اندر آهي. تنهن ڪري اسانجي آتما انهيءَ پرماتما جي انس آهي.

ڪرمن جو قانون

اسين انهيءَ پرماتما کان وڇڙي هن مايا جي جار ۾ ڦاسي پيا آهيون. هت اچي اسانجي آتما من سان ناتو رکيو آهي. اسانجو من اندرين جي ڀوڳن، وشيه وڪارن، شرابن ڪبابن ۽ دنيوي لذتن جو عاشق آهي. من جيڪي ڪرم ڪري ٿو تن جو ڦل ساڻس گڏ آتما کي به ڀوڳڻو پوي ٿو، ڇاڪاڻ ته آتما ۽ من جي ٻاڻ ۾ ڳنڍ پئجي ويل آهي. رشين منين هن دنيا کي 'ڪرم ڀومي' ڪري ڪوٺيو آهي. محمد صاحب هن دنيا کي آخرت جي کيتي ڪوٺيو آهي. سندن قول آهي "الدنيا مزرعته الاخرت."

گوسائين تلسيداس جن رامائڻ ۾ فرمائين ٿا:—

"ڪرم پرڌان وشو رچ راکا،
جو جس ڪين تاس ڦل چاکا."

گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:

"دوس نه ديجي ڪسي دوس ڪرمان آپنيان،
جو مين ڪيا سو مين پايا دوس نه ديجي اور جنان."

گرو ارجن صاحب جن هن دنيا کي "ڪرما سنڌڙا کيت" ڪوٺين ٿا. هن دنيا ۾ اچي جيڪي ڪرم اسين ڪريون ٿا، چڱا يا برا، انهن سڀني جو نتيجو هميشه هٿ اچي اسان کي ڀوڳڻو پوندو. ساڳيءَ طرح حضرت عيسيٰ جن سمجهائين ٿا:—

"منش جيڪي بوکي سوئي لڻي ٿو."

کيت جي اندر اسين جيڪڏهن ٻج ٻوکينداسين ته ٻج جو فصل اٿلو پوندو جيڪڏهن ڪو انب جو ٻوٽو لڳائيندو ته انب جي ڦل جي کائڻ جو حقدار ٿيندو. ڪرم نيڪ هجن مراد يد، هرهڪ جو ڦل ڀوڳڻ لاءِ شرير جي بندن ۾ اچڻو پوندو. جيڪڏهن نيڪ ڪرم ڪنداسين ته سٺي شاهوڪار ٿي ايندا سين. سي ڪلاس قيدي ٿيڻ بدران اي ڪلاس قيدي ٿينداسين. جهوپڙيءَ ۾ رهڻ جي بدران محل ۾ رهائش ٿيندي. لوهه جي زنجيرن بدران سون جي زنجيرن ۾ جڪڙيل رهنداسين. زهاد ۾ زهاد سونا يا ونڪت ۾ ويهنداسين پر اهي به ٻڌڻ جون ٻيڙيون آهن. ان ڪاڻ ورتي ته چوراسيءَ جي جيل خاني ۾ اچڻو پوندو. پر جي برا ڪرم ڪيا ته ٻوءِ لسڪ ۽ چوراسي هميشه تيار هوندا. سوامي جي مهاراج سمجهائين ٿا:—

"ڪرم جو جو ڪرينگا تو وهي ڦل ڀوگنا پڙتا."

سهڄو ٻائي چوَندي :—

”پشو پکڇي، نر، سر، آسر، جاڇر، ڪيٽ پتنگ،

سب هي اپني ڪرم ڪي، سهڄو نانا رنگ.“

ڇا راجا، ڇا پرجا، ڇا امير ڇا غريب، ڇا استري ڇا
پرش، اسين سڀ دنيا جا جيو ڪرمن جي جار ۾ ڦاٿا پيا
آهيون. انهن ڪرمن جي ڪارڻ جنهن به جُوڻ ۾ وڃي جنم
وٺو ٿا پوءِ انهيءَ دک ۽ مصيبتون ٿي مصيبتون سهڻيون
پون ٿيون. پرماتما ڪسان وڇڙي ڪهڙيءَ به جُوڻ ۾ اسين
ڪڏهن به سک ۽ شانتي حاصل نٿا ڪري سگهون. ڪنهن
به جُوڻ کي ڪٿي چڱيءَ طرح جاچي ڏسو ته ان ۾ سک پراپت
ٿي سگهيتو؟ هر روز انسان جي خوراڪ لاءِ هزارين قسمن
جي جانورن جو ڪوس ڪيو ويندو. ڪهڙي نه بي رحميءَ
سان انهن جي ڳلن تي ڇريون هلايون وڃن ٿيون. ڇا اهڙن
جانورن جهڙوڪ ٻڪري، رڍ، ڳان، مرغي وغيره جي جُوڻ
۾ اسين سک حاصل ڪري سگهون ٿا؟ اسانجي خيال ۾
ڪڏهن آهو آهي نه جيڪڏهن اسانکي پنهنجي ڪرمن جي
ڪري انهن جوڻين ۾ وڃڻو پوي ۽ اسانجو گردن انهن جي
ڇرين ۽ ڪهاڙين جي هيٺان هجي ته پوءِ اسان جي جيڪر
ڪهڙي حالت ٿئي! ڊاڪٽر جڏهن انجيڪشن هڻڻ لاءِ رڳو
سينهڙي سئي گرم ڪندو آهي تڏهن ڪيترن ماڻهن جو شرار
ڏپ وچان ڏڪڻ شروع ڪندو آهي جيتوڻيڪ اها ڳالهه
اسانجي فائدي لاءِ هوندي آهي. هاڻي اُٺ جي جُوڻ جي
حالت تي ويچار ڪريو. ڪهڙي طرح مٿانئس بوجهو لڏيل
هوندو آهي ۽ ڪيئن نه ان کي زوريءَ اڳيان ڇڪيندا آهن.
ٽانگي ۾ ٻڌل گهوڙي جي حالت اسين عام طرح ڏسندا
آهيون. ڪيترا نه ماڻهو ان ٽانگي تي سوار هوندا آهن ۽ ڪيئن
ڏڍا ڏڍا مٿانئس چهبڪن جو وسڪارو پيو پوندو آهي.

ذرائعن جي جوڙڻ بابت ويچار ڪو. زميندار سڄو ڏينهن ان ڪري
هر ۾ جوٽيل آهي ۽ جڏهن ٿڪجي ڪري پوندو ته اوهه جو سوال
هلي ڪيس وري هر هلائڻ لاءِ مجبور ڪيو ويندو. اهڙيءَ
طرح ڪيتريءَ ۾ جوڙڻ کي ڇڪيءَ طرح جاچي ڏسبو ته دک ئي
دک ۽ مصيبتون ئي مصيبتون نظر اينديون. هيٺين جوڙين
کي ڇڏي انساني جاميءَ جي باري ۾ ڇڪي طرح سوچ ويچار
ڪري ڏسو. ڪيترا نه دک ۽ مصيبتون هر روز سهڻيون
پيون پون، جيتوڻيڪ انهيءَ انساني جوڙڻ کي
'Top of the creation' ۾ ڪوٺيو ٿو وڃي. رشي مني ان
کي نو نارائڻي ديه چون ٿا. مسلمان ڪبير ان کي اشرف
المخلوقات سڏين ٿا. ديوي ديوتائون انهيءَ انساني چولي
لاءِ واجهائين ٿا. ليڪن هوندي به ان چولي ۾ ڪنهن کي به
سک ۽ شانتي پراپت ڪونهي. ڪو بيماريءَ جي ڪري
دکي آهي ته ڪو بيروزگاريءَ ڪري تنگ آهي؛ ڪو اولاد
نه هئڻ ڪري رات ڏينهن تڙپندو رهندو ته ڪو وري گهڻي
اولاد مان تنگ آهي. ڪو قرض ڏيڻ جي فڪر ۽ چنتا ۾
سڄي رات ننڊ نٿو ڪري، ته ڪو قرض وصول ڪرڻ لاءِ
سڄو ڏينهن ڪورٽن ۾ ڌڪا پيو کائي. ڪنگالن جي حالت
اسين هر روز گرميءَ ۽ سرديءَ ۾ ڏسون ٿا ته ڪيئن نه پيٽ
جي لاءِ ڪشت ڪندي رهيا آهن. اهڙيءَ طرح اسپتالن ۾ بيمارن
جون دک ڀريون دانهون ٻڌي محسوس ٿو ڪجي ته ويچارا
ڪيتري نه پيڙا ڀوڳي رهيا آهن. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن جيل
خاني ۾ قيدين جي حالت ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جو موقعو مليو ته سندن
درد ناڪ آلاپون ٻڌي دل لڏي ٿي وڃي. مطلب ته دنيا
۾ جيڏانهن نظر ڪجي ٿي اوڏانهن دک ئي دک ۽ مصيبتون
ئي مصيبتون نظر اچي رهيون آهن ڪنهن وقت راجا ڀرتري هري
ڏسي [illegible]
ڏٺو ته سڄو ٻوڙيو ته هن دنيا ۾ ڪٿي

نہ ڪنھن قوم يا مذھب يا ملڪ جو لڙائي جھڳڙو ھلندو ئي
رھيتو. انھن لڙاين ۾ ڪيترن غريبن جو خون ٿئي ٿو ۽ ڪھڙي
طرح نہ ظالمن وڏوائون ٿين ٿيون ۽ ٻار يتيم بڻجن ٿا. جنھن دنيا ۾
اھا حالت آھي جو روزانو ڪيتري واسطي انسان کي تڙپڻو ۽
پيٽ ٽو ٿو پوي ۽ ھروقت موت جو ڀؤ لڳو رھيتو اھڙي
نگريءَ جي اندر اسين سک ۽ شانتيءَ ڪيئن ٿا حاصل ڪري
سگھون؟ اھا حالت ڏسي گورو نانڪ صاحب جن پڪارين ٿا:
”نانڪ دکيا سب سنسار.“
سچو ٻائي چوڻي:
”ڏنوتي دکيئي سڀي، نر ڏن دک ڪا روپ“
تلسي داس جن رامائڻ ۾ فرمائين ٿا:
”سڪل جيو جگ دين دکاري“
جيڪڏھن انساني دنيا ۾ اچي اسين ھن دنيا ۾ سک ۽
شانتي حاصل نٿا ڪري سگھون تہ پوءِ ڪھڙي جون ۾ سک
۽ شانتي حاصل ڪري سگھنداسين؟ مھاتما اُپديش ڪن ٿا تہ
ھن دنيا ۾ ڪڏھن بہ ھميشہ جي واسطي ڪنھن کي بہ سک
۽ شانتي حاصل نہ ٿي سگھندي ڇاڪاڻ تہ ھيءَ دنيا سک
۽ دک جو گھر آھي، پن ۽ پاپ جي نگري آھي. اسين
پنھنجي پن ۽ پاپن جي ڪري ھن دنيا ۾ اچي سک ۽ دک
ڀوڳي رھيا آھيون. چڱي طرح دنيا ۾ جاچي ڏسو تہ ڪو بہ
اھڙو شخص توھانکي نہ ملندو جنھن کي ھن دنيا ۾ فقط
سک ئي سک ملندا ھجن ۽ جنھن ڪڏھن بہ دک نہ ڏٺا ھجن
يا ڪنھن کي دک ئي دک سھڻا پيا ھجن ۽ ڪڏھن بہ سک
جو ساھہ نہ کنيو ھجيس. ائين مان ڏسجي ٿو تہ جيڪڏھن ڏھہ
ڏينھن سک جا گذرن ٿا تہ ڪجھہ ڏينھن دکن کي بہ منھن
ڏيڻو ٿو پوي. وري جي ڏھہ ڏينھن ڏکن جا ڏسجن ٿا تہ
پنيان ڪجھہ ڏينھن سک جا بہ اچن ٿا. جيڪي بہ دک

اسانکي ڀوڳڻا پون ٿا اهي اسان جي پورب جنم ۾ ڪيل
پاپن جي ڪارڻ آهن. ساڳي طرح جيڪي سک ماڻي رهيا
آهيون اهي گذريل جنم جي ڪيل نيڪ ڪرمن جو ڦل
آهن. سو پنن ۽ پاپن جي ميلاپ ڪارڻ اسانکي منش
ديهي مليتي. ان ديهيءَ ۾ رهندي اسين انهن پاپن ۽ پنن
جو حساب ڏيئي رهيا آهيون. جيڪڏهن اسان فقط پن ڪيا
هجن ها ته سرڳن ۾ وڃنا هجون ها. جي فقط پاپ ڪيل هجن
ها ته نرڪن ۾ سزائون ڀوڳيندا هجون ها. جنهن زياده پن ڪيا
آهن سو دنيا ۾ زياده سکي نظر اچيتو ۽ جنهن گهٽ پن
ڪيا آهن سو گهٽ سکي نظر اچيتو. ڪنهن جي پاپن جو بوجو
زياده ٿي ويندو ۽ پنن جو گهٽ ته هو وڌيڪ دکي رهندو
۽ گهٽ سکي. اهوئي ڪارڻ آهي جو هن دنيا جي اندر اميري
۽ غريبي آهي، بيماري ۽ تندرستي آهي، اوچ ۽ نيچ جو
اتنو فرق آهي ڇاڪاڻ ته هرڪ جا پنهنجا پنهنجا ڪرم
آهن جنهنجو نتيجو هو هت اچي ڀوڳي رهيو آهي. هيءَ دنيا
اڄ تائين نه ڪڏهن سرڳ جي نگري ٿي آهي ۽ نه ٿي
سگهيتي. اتهاس پڙهڻ سان پتو پوي ٿو ته دنيا ۾ لڙائي
جهگڙو، اميري غريبي ۽ سک دک، هميشه هلندا آيا آهن.
باوجود وڏن وڏن مهاتمائن جي هت اچڻ ۽ وڏن سماجڪ
سڌارڪن جي پيدا ٿيندي به هن دنيا جي حالت اڳئي کان
بهتر ڪانه ٿي آهي ۽ نه ڪڏهن ٿيندي ڇاڪاڻ ته سڀني
مهاتمائن جو مقصد هن دنيا کي سرڳ يا سک جي نگري
بڻائڻ ڪونهي. هو ته اسانکي اهڙو طريقو ۽ سادن سيکارين
ٿا جو ان رستي تي هلي اسين هميشه لاءِ هن ديهه جي
بندنن کان ٿي آزاد ٿي وڃون ۽ ورئي هن دنيا ۾ اچون ٿي نه.
دنيا جي ڏکن کي هٽائڻ ۾ اڄ تائين ڪنهن به ڪاميابي
حاصل نه ڪئي آهي. پر جيڪڏهن اسين پنهنجي نيرن ۾

مضبوط جتي پائي ڇڏيون ۽ ڪندا پنهنجو اثر ٿي ۽
دنيا جا مسئلا نہ اڄ تائين ڪنهن حل ڪيا آهن نہ ڪير
واسطي حل ڪري سگهي ٿو پر مهاتمائن جي اپديش
هاڻي اسين پنهنجو خيال ابتڙ و اوچو ڪري سگهون ٿا
دنيوي دک ۽ سک جون حالتون اسان تي اثر ٿي ۽
يسوع مسيح بائيبل ۾ فرمائين ٿا:

"For I have come to set a man at variance
...nst his father and the daughter against her mother,
... the daughter-in-law against her mother-in-law."
(matthew 10: 34: 35:)

يعني مان آيو آهيان ته پٽ کي پنهنجي پيءُ کان، ڌيءُ
پنهنجي ماءُ کان ۽ نهن کي پنهنجي سس کان جدا ڪريان
ارٿات: مان هن دنيا کي سک ۽ شانتيءَ جي نگري بڻا
ڪونہ آيو آهيان بلڪ جيون کي هتان آزاد ڪرائڻ آيو آهيان
ماءُ پيءُ، پٽن ڌيئرن وغيره جا ناتا ۾ موه جا بندن ڪا
آيو آهيان. هڪ ٻئي سان لڳن، موه ۽ پيار جي زنجير
کي ڪاٽي، انهن کي آزاد ڪرڻ آيو آهيان. بيشڪ دنيا ۾
پر اپڪاري نيتائن ۽ ڀڳتي سڌارڪن جي ڪمي ڪونہ ٿي
رهي آهي ۽ دنيا ۾ ڪيترائي نيڪ، رحم دل ۽
پر اپڪاري انسان پيدا ٿيندا رهيا آهن پر سنت مهاتمائون
جيڪو پر اپڪار اچي هن دنيا ۾ ڪندا آهن و پر اپڪار ٻئي
ڪنهنجو نٿو ٿي سگهي. مثال طور ڪنهن جيل خاني اندر
ڪيترائي قيدي آهن. هڪ پراپڪاري شخص ڏٺو تہ گرميءَ
جي موسم آهي ۽ قيدين کي پيئڻ لاءِ ٿڌو پاڻي نٿو ملي.
هو رحم کائي ڪين برف وارو ٿڌو شربت پيارڻ جو بندوبست
ڪرائي ٿو. گويا هن قيدين تي هڪ چڱو پراپڪار ڪيو. ٻيو
هڪ پر اپڪاري محسوس ڪرائي ٿو تہ قيدين کي ڪاٽڻ لاءِ ڪاڏو

سنڌو نتو ملي سو ترس کائي انهن کي اهڙا سٺا طعام کارائڻ جو
انتظام ڪرڻ، جنهن ڪري قيدي اچيا ۽ وڏڪ خوش ٿين
ٿا. اهڙيءَ شخص ۽ سنڌو پر اپڪار ڪيو. ٽيون پر اپڪاري
سياري جي موسم ۾ ڏسي ٿو ته قيدين کي سرديءَ کان بچڻ
لاءِ گرم ڪپڙو ڪونهي سو ڪاڻي پيسا خرچي انهن کي گرم
ڪپڙا ٺهرائي ڏنائين. هن پر اپڪاريءَ شايد ٿين کان وڏڪ
پر اپڪار ڪيو. سيٺ پر اپڪاري قيدين لاءِ ترس کائي
پر اپڪار ڪري رهيا آهن جنهن ڪري قيدين جي حالت
اڳي کان بهتر ٿي رهي آهي. جيترا ته سي ڪلاس
قيدين مان اي ڪلاس قيدي ٿي پيا ۽ هنن کي جيل خاني
۾ زياده آرام ۽ آسائش ته ملي وئي. ليڪن انهن پر اپڪارن
جي باوجود هو سڀ جيل خاني ۾ قيدي ئي رهيا. چوٿون
پر اپڪاري جنهن وقت جيل خاني جي چابي هٿئي لڌين قيدين
لاءِ ڏسيا آئي جيل خاني جا دروازا ئي کولي ڇڏيا ۽ کين
هميشه لاءِ آزاد ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن سڀ کان سرشت
پر اپڪار آهي ته اهيءَ چابيءَ واري پر اپڪاريءَ جو. سنت
مهاتمائون هن دنيا ۾ چوراسيءَ جي جيل خاني جي چابي
کڻي اچن ٿا، انسان جي اندر مالڪ جي ملڻ جو شوق ۽ پيار
پيدا ڪري، انسان کي رستو ۽ طريقو ڏيکاري، ڏر ڏار
ٻڌائي هميشه واسطي هن جيل خاني مان آزاد ڪري ٿا
ڇڏين. اهڙيءَ طرح سنتن ۽ مهاتمائن جو اپڪار ڪنهن به
سماجڪ سڌارڪ يا راجنيتي اڳوا جي پر اپڪار کان اوچو ۽
سچو آهي. مهاتمائون هميشه اپديش ڪندا ته جيستائين انسان
جي آتما واپس وڃي پرماتما سان ميلاپ نه ڪندي تيستائين
اهو سوار جي ڄمڻ ۽ سنسار جي دکن کان ڇوٽڪارو نه
پائي سگهندا آهن. ڪبير صاحب فرمائين ٿا:

”جل هنسا سب لوڪ ڪو ڄائي، ڇوڙو نه سنسارا هو.“

سوامي جن فرمائين ٿا:

”ڏام اپني چلو پائي پرائي ڊاس ڪيون رهنا.“

آتما ۽ پرماتما

گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

”هر سچي ٿي سدا سهاڳن.“

اسانجي آتما استري آهي ۽ پرماتما سندس پتي آهي ۽ هيءُ آتما روپي استري، پرماتما روپي پتيءَ جي چرنن ۾ پهچي سچي سهاڳڻ ٿي سگهي ٿي ۽ خوشي پراپت ڪري سگهي ٿي. وڏا گورو صاحب فرمائين ٿا:

”جنهي گهر جاڻا آپنا سي سکيڪي پائي.“

جيڪي پنهنجي اصل گهر (سچکنڊ) واپس پهچي وڃن ٿا اُهي هميشه جي واسطي سک ۽ شانتي حاصل ڪن ٿا. ڪٿ اُپنشد ۾ به نچڪيتا کي يمراج اهوئي جواب ڏنو آهي. مولانا روم صاحب به فرمائين ٿا:

”اين جهان زندان و مازندا نيان،
حضره ڪن زندان و خود را دارهان.“

يعني هي جهان قيدخانو آهي جنهن ۾ اسين قيد آهيون. قيدخاني جي ڇت ۾ سوراخ ڪري هتان پاڻ کي آزاد ڪريو.

ڪيترن ئي مهاتمائن آتما ۽ پرماتما جي رشتي کي استريءَ ۽ پتيءَ جي ناتي سان ڀيٽيو آهي. جاڪاڻ ته استري هميشه پتيءَ جي چرنن ۾ سک ۽ شانتي حاصل ڪري سگهي ٿي. جيڪڏهن ڪا استري پنهنجي پتيءَ جي چرنن کان جدا ٿي وڃي پوءِ چاهي هن کي ڪيتري به دنيا جي عزت ۽ مان ڏجي، ڪيترو به مال ملڪيت ڏجي ته به هن جي من کي سک ۽ شانتي نه ملندي. هوءَ پنهنجي پتيءَ جي پيار ۾ ئي سک ۽ شانتي حاصل ڪري سگهندي لنهنڪري گورو ارجن

تلسيداس صاحب جن بہ پنهنجي باڻيءَ ۾ دنيا جي ڏکن جي باري ۾ هن ريت فرمائين ٿا:

"ڪوئي تن دکي کوئي من دکي ڪوئي نت اُداس،
ايڪ ايڪ دک، سبن ڪو سکي سنت ڪا داس."

گورو نانڪ صاحب جن سمجهائين ٿا:

"نانڪ دکيا سب سنسار،
سو سکيا جو نام آڌار."

مطلب تہ سڀ دنيا جا جيو پنهنجي پنهنجي نموني ڏکن ۽ مصيبتن ۾ مبتلا آهن. سچو سک ۽ شانتي انهيءَ کي آهي جنهن مالڪ جي ڀڳتيءَ ۽ پرڀو جو آسرو ورتو آهي. اسين جيو انهيءَ مالڪ کي وساري ويٺا آهيون. نہ هن جي کوج ٿا ڪريون ۽ نہ ئي هن جي ڀڳتيءَ طرف اسانجو خيال آهي. دنيا جي شڪلين ۽ پدارٿن ۾ سک ۽ شانتي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. هرهڪ جو اهو انڀو آهي تہ جيترو اسين انهيءَ پرماتما کي وساري سک ۽ شانتيءَ کي ڳولهي رهيا آهيون اوترو ئي زياده ڏک ڀوڳي رهيا آهيون. ڇاڪاڻ تہ دنيا جون شڪليون ۽ پدارٿ جن جي حاصل ڪرڻ ۾ اسين سک ۽ شانتي ڳولهي رهيا آهيون اُهي عارضي ۽ ناسونت آهن تنهن ڪري انهن جو سک بہ عارضي ۽ ناسونت آهي. جيستائين اسان کي اها وستو نہ ٿي ملي جا ڪڏهين بہ ناس ۽ فنا نہ ٿئي ۽ اسين انهيءَ کي پنهنجو نہ بڻايون تيستائين اسين سچو ۽ دائمي سک ڪيئن ٿا حاصل ڪري سگهون؟ ڇاڪاڻ تہ جنهن چيز جي حاصل ڪرڻ ۾ خوشي ٿي ٿئي تنهن جي وڃڻ يا جدائيءَ ۾ اوترو ئي ڏک بہ ٿئي ٿو. پنهنجي زندگيءَ کي جاچي ڏسون تہ شاديءَ جي وقت من کي ڪيڏي نہ خوشي ٿئيندي ۾ جيڪڏهن انهيءَ جيون سائيءَ سان جهڳڙو يا متڀيد ٿئي ٿو تہ اسين ڪيترو نہ ڏکي ٿا ٿيون. جنهن

اولاد جي پيدا ٿيڻ وقت اسين ڪيتريون خوشيون ڪيون ٿا
۽ مٺايون ۽ پارٽيون ڪيون ٿا سو اولاد جڏهن نافرمانبردار
يا نالائق ثابت ٿئي ٿو يا بيمار ٿي پوي ٿو يا مري وڃي ٿو
ته من کي ڪيترو نه ڏک ٿئي ٿو. دنيا جو ڌن دولت جنهن
۾ اسين سک ڳولڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون، سو ٿي
ڏسو ته انهيءَ ڌن کي ڪمائڻ جي لاءِ ڪيترا نه ڏک ۽
ڪشٽ سهڻا ٿا پون. پنهنجي قيمتي اصولن کي قربان ڪرڻو
ٿو پوي، پنهنجي تندرستيءَ جي ستيا ناس ڪرڻي ٿي پوي
۽ ڪيترن ئي مالڪ بيماريون خريد ڪرڻيون ٿيون پون.
انهيءَ ڌن کي ڪمائڻ لاءِ پيون ٻيون به انيڪ مصيبتون سهڻيون
پيون پون، پر تنهن هوندي به انهيءَ کي رکڻ ۾ ڪهڙي
شانتي آهي! جي ٻئنڪن ۾ ٿا رکون ته انهن جي ڪرڻ جو
ڊپ آهي. ڪڏهن انڪم ٽئڪس وارن جو ڊپ ۽ فڪر لڳو
رهي ٿو ۽ جي يارن دوستن کي ٿا ڏيون ته چنتا ٿي ستائي ته
متان واپس ئي نه ڪن. وري جڏهن اها دولت هلي ٿي
وڃي ته خوب مصيبتن ۽ چنتائن ۾ ڦاسائي ٿي وڃي، ڪڏهن
ڊاڪٽرن جي فين ڏيڻ ۾ لڳي ٿي وڃي ته ڪڏهن مقدمن
جي خرچن ۾ ختم ٿي وڃي ٿي. ڪيترن ڏکن ۽ تڪليفن سان
ڪمائي وئي پوءِ به سک نه ڏنائين. ان جي وڃڻ ڪري
جيڪي سر ڀر جا ڏک پهچڻ ٿا پون انهن جي ڳالهه ئي
ڪهڙي ڪجي! گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:

”پاپان باجهون هووي ناهين، مويان ساٿ نه جائي.“

وري خيال ٿو اچي ته شايد دنيا جي عيش عشرت ۾ سک
هوندو ۽ اسين شراب ڪباب جي لذتن ۾ لڳي ٿا وڃون، پر
...جي ۾ انسان جي من کي برباد ڪري بيمارين ۾ ڦاسائي ڇڏين
...ٿيون. ڪڏهن اسين حڪومت جي نشي ۾ سک ٿا ڳوليون
ٿي ليڊر بڻجڻ جو شوق ٿو لڳي. جنهن وقت اوڪ

اسانکي مسان وڏائي ڏين ٿا، اسان جا جلوس ۽ سرگسون
ڪڍن ٿا، اخبارن ۾ اسانجي ساراهه ڪن ٿا ته اسانجو من ڦوليو
نه ٿو سمائي. پر انهن ليڊرن جي حالت ۾ روز پڙهون ٿا جو
راتو رات حڪومت جو تختو بدلجي وڃي ٿو ۽ مخالف پارٽيءَ
جو زور وڌي وڃي ٿو. پوءِ انهن ساڳين ئي ليڊرن کي
ڪڏهين گوليءَ جو شڪار ڪري ٿا ڇڏين ته ڪڏهين ڦاسيءَ
جي تختي تي ٿا چاڙهين، ڪڏهين جيل ۾ ٿا وجهن ته
ڪڏهين انهن جي اخبارن ۾ مٽي پليت ٿا ڪن. جنهن
حڪومت جي نشي ۽ دنيا جي مان وڏائيءَ ۾ سک ڳولهڻ
جي ڪوشش ڪئي هئين، اهائي اسانجي واسطي دک جو ڪارڻ
ٿي پئي. گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:

"سک مانگت دک آ گل هوئي."

مطلب ته هن دنيا ۾ اسان ڪڏهين به سک ۽ شانتي حاصل
نه ڪري سگهنداسين. هي جيڪو ٿورو گهڻو سک نظر
اچي ٿو سو به وقت پئي دک ۾ بدلجي وڃي ٿو. سو مهاتما
پنهنجي آزمودي مان سمجهائين ٿا ته جيسين اسانجي آتما
پرماتما سان ميلاپ نه ڪندي تيسين سک ۽ شانتي حاصل
ڪري ٿي نه سگهندي. ڌن دولت ۽ دنيا جي شڪلين مان
به اسان اوترو ئي عرصو سک شانتي پائي سگهنداسين
جيستائين اسانجو خيال مالڪ جي پکتيءَ طرف هوندو. مثال
طور ڪو ٻار پنهنجي پيءُ جي آڱر پڪڙي نمائش ۾ تماشو
ڏسڻ وڃي ٿو. هنکي نمائش ۾ هر چيز ڏاڍي خوبصورت ۽
سٺي ٿي لڳي. ڪٿي بجلين ڀري رهيون آهن ته ڪٿي
قسمين قسمين کيل ٿي رهيا آهن ۽ ڪٿي راند ڪن ۽ مٺاڻ
سان سجيل دوڪان آهن. ٻار سمجهي ٿو ته هنکي اها خوشي
نمائش جي ساز و سامان مان ملي رهي آهي. پر جيڪڏهن
لطيءَ وڃان هن کان پيءُ جو هٿ ڇڏائجي ٿو وڃي ته هر

ڇڪڻ، روئڻ ۽ ڇانئڻ شروع ڪري ٿو جيستائين ڪ تماشي جو
اهو سڄو سامان اُلي ٿي اچي. پوءِ ٿي هو محسوس ڪري
ٿو ته تماشي مان خوشي رُڳو ٿورو وقت ٿئي ٿي ملي سگهي
جيترو وقت هنجي هٿ ۾ ڀينجي ڀيڻ جي آڱر پڪڙيل
هئي. اهڙيءَ طرح دنيا ۾ به اسان سک ۽ شانتي ٿورو عرصو
حاصل ڪري سگهنداسين جيترو وقت اسانجي لو ۽ اسانجو
ڌيان مالڪ جي طرف رهندو. انڪري مهاتما اسان سڀني
جي اندر مالڪ جي ٻاڻي لاءِ پريم پيار پيدا ڪن ٿا. گورو
نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته

”هرڪي پوڄا دلڀ هئي سنتو، ڪهڻا ڪڇو نه جائي.“

يعني مالڪ جي ڀڳتيءَ جي مهما ڪڏهين بيان ڪري ٿي
نه ٿي سگهجي. اسين سڀ دنيا جا جيو ڪنهن نه ڪنهن جي
موهه ۽ پيار ۾ قائل ٿي رهون ٿا. ڪنهن نه ڪنهن جي پوڄا
ضرور ڪريون ٿا. ڪو پٽ ڪي پيار ڪري ٿو ته ڪو قوم،
مذهب ۽ ملڪ جي ڀڳتيءَ ۾ لڳو رهي ٿو ۽ ڪو ڌن دولت
جي پوڄا ڪري ٿو. پر اهي شڪليون ۽ پدارٿ اسانجي پيار
جي قابل نه آهن ڇاڪاڻ ته انهن جو پيار ۽ ڀڳتي اسان کان
هر هڪ کي بار بار دنيا جي ٻنڌڻ ۾ ڪيهڇي آڻي ٿو. مالڪ
جي ڀڳتي ۽ پيار ٿي اسانکي واپس وٺي وڃي مالڪ سان
ملائي ٿو. انڪري مهاتما سمجهائين ٿا ته مالڪ جي ڀڳتيءَ
جي مهما بيان ٿي نه ٿي ڪري سگهجي. انجي ڀڳتيءَ ۽ پيار
جي ذريعي اسين واپس مالڪ ۾ سمائجي وڃون ٿا.
ڀيکا صاحب فرمائين ٿا ته

”ڀيکا ڀوکا ڪو نهين، سڀ ڪي گٺڙي لال،
گرهه کول نهين جانتي، تس ور ڀئي ڪنگال.“

پرماتما هڪ آهي

سڀني مهاتمائن جو اهوئي تجربو آهي ته جنهن مالڪ کي
اسين ملڻ چاهيون ٿا اهو هڪ پرماتما آهي. ائين ناهي
هندن جو هڪڙو ته مسلمانن جا سکن ۽ عيسائين جو ڪو ٻ
پرماتما آهي. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

”اڪ پتا اڪس ڪي هم بالڪ،
سڀنان جيئان ڪا اڪو داتا.“

شيخ سعدي چوي ٿو:

”بني آدم اعضاي يڪ ديگر اند،
چو در آفرينش ز يڪ جوهر اند.“

يعني سڀ انسان هڪ ئي جوهر مان پيدا ٿيا آهن ۽ هڪ
ٻئي جا ڀائر آهن. جيڪي به جيو اسين دنيا ۾ ڏسي رهيا
آهيون، انهن سڀني کي پيدا ڪرڻ وارو هڪ ئي پرماتما
آهي. مسلمان فقير ان پرماتما کي رب العالمين سڏين ٿا
يعني ته ساري عالم جو هڪ ئي رب آهي ۽ شروع کان اهو
پرماتما هلندو اچي ٿو. ائين ناهي ته پهرائين ڪو ٻيو پرماتما
هو ۽ هاڻي ڪو ٻيو. گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:

”جگ جيون ساچا اڪو داتا.“

يعني ته ساري جڳ کي جيون ڏيڻ وارو هڪ ئي داتا
آهي ۽ اهو لافاني آهي. هو مرڻ ۽ ڄمڻ جي چڪر ۾ نه ٿو
ڦاسي. جپ صاحب جي شروع ۾ ئي گورو نانڪ صاحب
بالڪل چٽيءَ طرح فرمائين ٿا:

”اڪو ستنام ڪرتا پرک“
”آد سچ، جگاد سچ، هئي ڀي سچ، نانڪ هوسي ڀي سچ.“

يعني تجربو ڪندي ڪندي مونکي پنهنجي اندر ۾
هڪ اهڙي شڪتي حاصل ٿي آهي جا آد جگاد کان هلندي
آئي آهي ۽ جيڪا ڪڏهين به ناس ٿيا نما نه ٿي ٿئي. اهو

هڪ پرماتما آهي جنهن جا هزارين اليڪ نالا مهاتمائن پيار ۽ ڀڳتي ڪري رکيا آهن. اُن مالڪ کانسواءِ جيڪي به اسين اکين سان ڏسون ٿا، اُهو سڀ ناس ۽ فنا ٿي ويندو، ڪابه چيز هت اهڙي ڪانهي هميشه رهڻ واري ناهي. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

”هر بن سڀ ڪڇ ميلا سنتو“

....

”تر نارائڻ، تر گورو، تر ساچا وچار.“

اهڙي طرح اڳتي هلي لکن ٿا:

”ڪوڙ راجا، ڪوڙ پرجا، ڪوڙ سڀ سنسار،
ڪوڙ منڊپ، ڪوڙ ماڙي، ڪوڙ بيهڻ هار.
ڪوڙ سونا، ڪوڙ روپا، ڪوڙ پهرڻ هار،
ڪوڙ ڪايا، ڪوڙ ڪپڙ، ڪوڙ روُپ اپار.
ڪوڙ ميان، ڪوڙ بيوي کپ هوئي خوار،
ڪوڙ ڪوڙي نيهون لڳا، وسريا ڪرتار،
ڪس نال ڪيجي دوستي، سڀ جڳ چلڻ هار.“

فرمائين ٿا ته هي جو اسانجو شرير آهي اهو به ڪوڙ (فنا) آهي ۽ انهيءَ ۾ وهي جنهن دنيا کي اسين پنهنجو بڻائڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا، جنهن سان اسين نيهن لڳائي ويٺا آهيون سا به ڪوڙ آهي. اُن پرماتما کانسواءِ دنيا جي ڪابه چيز اسانجي دوستيءَ ۽ پيار جي قابل نه آهي ڇاڪاڻ ته پرڀوءَ کانسواءِ هر چيز ناس ٿي ويندي ٿي. رڳو هڪ مالڪ ئي آهي جو هميشه رهي ٿو.

ذات ۽ ڌرم

اُن مالڪ جي ڪابه نه رنگ، مذهب يا ملڪ ڪونهي. نڪي اُن مالڪ جي ڪا ذات پات يا رنگ روُپ آهي. گورو ارجن صاحب سمجهائين ٿا.

”ورن جات چهن نهين ڪوئي،
سڀ هڪمي سرشٽ اُپائندا.“

جڏهن پرماتما پنهنجي حڪم سان جيئن سرشٽيءَ جي رچنا
...ڪئي آهي، جيڪڏهن اُن جو ڪو رنگ روپ يا ذات
...ذات ناهي ته اسانجي آتما جي ذات پات ڪيئن ٿي سگهي
...ي چاڪاڻ ته اسانجي آتما به اُن پرماتما جي انس آهي
...اُن مان ئي نڪتي آهي ۽ ان ۾ ئي وڃي سمائجڻ چاهي
...ي. ڪڏهن به مهاتما جي ڀائيءَ جي چوڻيءَ طرح ڪرج
...ڪنداسين ته ڏسڻ ۾ ايندو ته هرهڪ مهاتما انسان جي خيال
...ي ذات پات، قوم مذهب ۽ ملڪ جي ڀيد ڀاو کان مٿي
...ٽي، انسان ۾ مالڪ جي ڀڳتيءَ جو شوق ۽ پريم پيار پيدا
...ڪرايو. جڏهين سمنڊ جي ڪابه ذات پات ڪونهي ته اُن
...ي قطري جي ڪهڙي ذات پات ٿي سگهي ٿي؟ جيڪڏهن
...ورج جي ڪابه قوم يا ملڪ ڪونهي ته اُنجي هڪ معمولي
...ڪرڻي جي ڪهڙي قوم يا مذهب ٿي سگهي ٿو؟ هي سڀ
...ات پات جا جهڳڙا انسان جا خود پيدا ڪيل آهن. پرماتما
...صرف انسان پيدا ڪيو آهي. اسان پاڻ کي ذات پات،
...م، مذهب ۽ ملڪ جي فرقن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي ۽ هڪ
...ي جي ڀيد ڀاو ۾ ڦاسي پيا آهيون. گورو نانڪ صاحب جن
...مائين ٿا:

"جتي لکيا منگيئي، اتي دڙهه جات نه جائي."

جڏهن هنڌ اسان جي ڪرمن جو حساب ڪتاب ٿيندو اُتي
...اسانجي ذات پات جي پڇا ڳاڇا ڪونه ٿيندي ۽ اڪي
...ان جو شرير اُهي پڃي سگهيو. هي شرير يا ته باهه ۾
...ڙيو وڃي ٿو يا مٽيءَ ۾ پوريو وڃي ٿو. ان ذات پات، قوم
...مذهب جو تعلق ته هن شرير سان هتي ئي رهجي وڃي ٿو
...آخر ۾ ڪنهن جي ذات پات جاءِ وڃي ٿي ۽ ڪنهن جي
...يءَ ۾ دٻجي وڃي ٿي. اهڙيءَ طرح ڪبير صاحب به
...جي ٻاڻيءَ ۾ اُپديش ڪن ٿا:

"جات پات پڇي نه ڪوئي، هر ڪو ڀڄي سو هر ڪا هوئي."

يعني اوهان جي ذات پات ڪونہ ڇڏي ويندي. جو بہ پرماتما جي ڀڳتي ڪري ٿو سو پرماتما جو روپ بڻجي وڃي ٿو. ڇنهن هند اسان جي ڪرمن جو حساب ڪتاب ٿيندو اتي ڪو اهو سوال نہ ڪيو ويندو تہ توهين هندو هئين يا عيسائي هئين. هندستان مان آيو آهين يا آمريڪا يا آمريڪا مان آيو آهين. اُن هند تہ اساجي ڀڳتي ڀاو، پريم ۽ عشق جو ئي قدر ٿيندو. اهڙي طرح ساٽين والي شاهہ، جو ذات جو سيد هو ۽ مسلمانن ۾ هڪ بيحد ڏاڍو مهاتما ٿي گذريو آهي، پنهنجي ڪلام ۾ لکي ٿو:

”عملان اسي هون لبيڙي، ڪڙهان رهنگيان جالان.“

جيڪي پنهنجي اعمالن ۽ ڪرمن کي ڏسڻ ڏهن ٿا، اهي ئي پرماتما کي منظور ٿين ٿا. پر جي پنهنجي ذات پات جي غرور ۾ قائل آهن اُنهن جو مالڪ جي درگاهہ ۾ ڪوبہ قدر ڪونهي. اسي صاحب بہ پنهنجي اسانسيءَ ۾ اهو ئي سمجهائين ٿا:

”نيچ نيچ سب تر گئي سنت چرن او لين،
جاتي ڪي ايمان سي ڏوبي بهت ڪلين.“

جو ٻارڙ کي نيچ تو سمجهي ۽ جنهن جي اندر ۾ نمرتا ۽ عاجزي آهي، جو سنتن جي چرنن سان پيار رکيتو ۽ انهن جي اپديش موجب هليتو، سو هن ڀؤ ساگر مان پار پيو ٿو. پر جن کي پنهنجي ذات پات جو ايمان آهي سي هن ڀؤ ساگر ۾ غوطا کائين ٿا، قومن جون قومون مذهبن جا مذهبن هن ذات پات جي ايمان ۾ ٻڏندا وڃن ٿا. اڳتي فرمائين ٿا:

” ڏٺي ٽڪي پساءِ ڪر، دور دور اهنڪار،
ستڪور و ڪجي پرچي ٻنا، چارون ورن چمار.“

... آهن جي ... ستڪورو ءَ سان پرمت ڪن ٿا. انهن
... بدوي باڻي اهنڪار ۾ ٻڏجي وڃن ٿا. صرف

ڪانسواءِ چارئي ورن نيچ آهن. پلٽو صاحب ۾ اسانکي ائين
ٿي سمجهائين ٿا:

"پلٽو اونچي جات ڪا مت ڪوئي ڪري اهنڪار،
صاحب ڪي دربار ۾ ڪيول ڀڳتي پيار."

يعني مالڪ جي دربار ۾ صرف ڀڳتي ۽ پيار جو ئي قدر
آهي. ڀڳتي ۽ پيار ئي اسانکي واپس ورئي وڃي مالڪ سان
ملائيندو. ڪوبه من ۾ اهو ويچار نه رکي ته مان برهمڻ جي
گهر پيدا ٿيو آهيان تنهنڪري مان ئي وڃُو پرماتما کي پائي
سگهندس يا مان هندو يا عيسائي ڄائو آهيان تنهنڪري
مان مالڪ سان ملي سگهندس يا ڪوئي اهو خيال ڪري ته
مون نيچ ذات ۾ جنم ورتو آهي تنهنڪري مان مالڪ جي
ڀڳتي ڪري ئي نه سگهندس. گورو نانڪ صاحب جن نه
ذات پات جو اهڙي قدر ڪندڙ ڪيو آهي جو فرمائين ٿا:
"بن نامي سڀ نيچ ذات هئن، وشٽا ڪي ڪيڙي هوون."
جو مالڪ جي نام جي ڪمائي نه ٿو ڪري اُن کان وڌيڪ
نيچ ذات وارو ڪير ٿي سگهيتو ڇاڪاڻ ته موت کانپوءِ هن
کي وشٽا يا گندگيءَ جو ڪيڙو ٿيڻو پوندو. وري فرمائين ٿا:

"جس نام ردي سوئي وڏ راجا،
جس نام ردي تس پوري ڪاجا.
جس نام ردي سو سڀ ٿي اونچا،
نام بنا ڀرم جوني مؤچا.
جس نام ردي سو جيون مڪتا،
جس نام ردي تس سڀ هي جگتا."

اڳتي هلي به فرمائين ٿا:

"سبد وسي سوئي جن اوچا، سچي آپ سماوڻيان."

....

"نانڪ هور پاتشاهيان ڪُوڙيئان، نام رتي پاتشاهه."

۽ انساني ديولو حاصل ڪري مالڪ جي شبد جا نام ڪي
ٻڌائي من ۾ ذاتي لو، آنندي ۽ هندي شبد جي ڪمائي
ڪري، لو، انو نسي سب ٻان أمر آهي ڇاڪاڻ ته
هڪڙو ... ٻيد سچي پرماتما ۾ سمائلو آهي. ان ڪري
... مالڪ جي ذات آهي، نور آهي، مذهب آهي يا
... آهي، اهڙي اسانجي آتما جي ذات پات آهي، نور
مذهب ۽ مالڪ آهي. انسان هر هڪ مهاتما اسانجي خيال کي
اندين اندين لنگداسي جي دائرن مان ڪڍڻ جي ڪوشش
ڪندو آهي ۽ اسانجي اندر پرماتما جي سچي نام جي
... ۽ ٻڌڻ جو شوق پيدا ڪندو آهي.

پرماتما اسانجي اندر آهي

هر هڪ مهاتما پنهنجو اهو تجربو ٻڌائي ٿو ته جنهن پرماتما
کي ... ڳوليندا وتون ٿا ۽ جنهن مالڪ سان ملڻ اسانجي
... سچ جي ... ڪيتي، اهو
... ڪئي ... ڪري ... اهو مالڪ هر هڪ جي سرير
... آهي ... پنهنجي اندر ئي ملندو ۽
... ئي ... پنهنجي اندر ئي ملندو ۽ تنهنڪري مالڪ
... ڪ ... ليباريٽري (laboratory)
... مالڪ جي ملڻ جي کوج ۽ (Research)
... سانجو شرير آهي. هر هڪ مهاتما
... آهي. گرو نانڪ صاحب به فرمائين ٿا:

... ڪ ... جيون دانا وسي،
سينا ڪري پرڳاٿا.[١]

....

... ٻهت ۾ ٻاهر ناهين،
ناهي ڍونڊي سو پرم پلائين.[٢]

يعني جنهن پرماتما ساري جڳ کي زندگي بخشي آهي، هن دنيا جي رچنا ڪئي آهي ۽ جو پرماتما سڀ جو داتا آهي ۽ جو سڀني جي سنڀال ۽ رکوالي ڪري ٿو اهو پرماتما هن شرير ۾ رهيتو. وري ٻئي هنڌ سمجهائين ٿا:

"اس گفا مهه اکت ڀنڊارا،
تس وچ وسي هر الک اپارا."

هيءَ جو اسانجو شرير آهي اهو نه رڳو آتما جي رهڻ جي غفا آهي پر اهو پرماتما جو الک ۽ اگم آهي سو به هن غفا يعني شرير اندر آهي. وري ٻئي هنڌ لکن ٿا:

"ڪايا اندر آپي وسي، الک نه لکيا جائي،
من مک مگڌ ٻُجهي ناهين، باهر ڀالن جائي."

اهو پرماتما شرير اندر ونٺو آهي ۽ اسين اُن پرماتما کي باهران اکين جي ذريعي ٻاهر ڳولهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. اهو اسانکي نظر ڪيئن اچي سگهندو. اسين من مک، گنوار ۽ نادان آهيون. جا وستو اسانجي گهر اندر آهي سا باهر ڳولهي رهيا آهيون. ڪبير صاحب جو به اهوئي آزمودو آهي فرمائين ٿا:

"جيئُن تل ۾ تيل هئه، جيئُن چقمق ۾ آگ،
تيرا پرتم تجهه مين، جاگ سکي تو جاگ."

وري فرمائين ٿا:

"جيئُن نينون ۾ پتلي، تيئُن خالق گهٽ ماهين،
مورک لوگ جاني نهين، باهر ڍونڍن جائين.
جا ڪارن جگ ڍونڍيا، سو تو هئه گهٽ ماهين."
پردا دئيا ڀرم ڪا، تاتي سُوجهي ناهين."

جهڙي طرح تِرن ۾ تيل آهي ۽ پٿر ۾ آگ آهي اهڙيءَ طرح پرماتما به اسانجي شرير جي اندر آهي. جيئن اکين جي

اندر ئي آهي، ساڳيءَ طرح هن دنيا جي بڻائڻ وارو به اسان جي شرير اندر آهي. اسين لوڪ مورک آهيون، انڌا آهيون ۽ پنهنجي شرير اندر اُن مالڪ کي ڳولهيون ئي ڪو نه ٿا ۽ هميشه سدائين ٻاهر ڳولڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. پنهنجي ڳولها ۾ اسين جهنگلن ۽ پهاڙن ۾ ڀٽڪندا ڦريون ٿا. مندرن ۽ مسجدن ۾ تلاش ڪندا ٿا رهون اهو پرماتما اسان جي شرير اندر آهي. اسان جي ۽ مالڪ جي درميان پرم جو پردو لڳل آهي. ڪنهنڪري هو اسان کي نظر نٿو اچي. اهو ئي مهاتما چرنداس جن جو تجربو آهي ۽ هو فرمائين ٿا:

”دوڌ مڌ جيئن گهيءُ هي، مهندي ماهين رنگ،
جتن بنا ڪسي نهين، چرنداس سو ٻئي سنگ.
سو جاني جا ٻيد ڪو، اور ڪري پرويس،
سو ابناسي هوت هي، ڇٽي سڪل ڪليس.“

اهڙي طرح تلسي صاحب جن ڀڳتيءَ ۾ دکني بابا جي نالي سان ڄاتا مشهور مهاتما ٿي گذريا آهن، پنهنجي ٻانيءَ ۾ فرمائين ٿا:

”ڪيون ڀٽڪتا ڦر رها، تو اي تلاش يار مين،
راستا شاه رگ مين هي، دلبر پي جاني ڪي لئي.“

يعني اُن پرماتما جي کوج ۾ ٻاهر ڀٽڪندو ڇو ٿو ڦرين؟ پرماتما هرهڪ جي شرير اندر آهي ۽ هن وٽ پهچڻ جو رستو به پرماتما هرهڪ جي اندر ئي رکيو آهي. يسوع مسيح به بائيبل ۾ ائين ئي سمجهايو آهي:

"Kingdom of God is within you"

پلٽو صاحب به ائين ئي بيان ڪن ٿا:

”صاحب صاحب ڪيا ڪري، صاحب تيري پاس.“

اهو پرماتما نه ڇپيل نه ئي ڪلاڪ اسان سان گڏ رهيٿو. هڪ گهڙي به رات ڏينهن ڳولهين، يعني نه اهو مالڪ شرير جي اندر آهي.

گورو رامداس صاحب به فرمائين ٿا:

”سدا حضور دور نه ڄاڻو، رچنا جن رچائي.“

اهڙي طرح دادو صاحب فرمائين ٿا:

”دادو جيو نه ڄاڻي رام کو، رام جيو کي پاس،
گورو کي شبد وه باهرا، تاڻي ڦري اداس.
دور ڪهي سو دور هئه، رام رهيا ڀرپور
نئنون ٻن سوُجهي نهين، تاڻي اوئي ڪت دور.
ڪوئي دوڙي دوارڪا، ڪوئي ڪاشي جاڻهن،
ڪوئي متراکو چلي، صاحب گهٽ هي مانهن.
سب گهٽ ماهين رام هئه، برلا بوجهي ڪوئي،
سوئي بوُجهي رام ڪو، جو رام سنيهي هوئي.“

چون ٿا ته جنهن پرماتما دنيا جي رچنا ڪئي آهي، اهو چوواهه ئي ڪلاڪ توهان سان گڏ آهي. پر اسين دنيا جا جيو ديهه ۽ شرير جي اندر وڃي ڪڏهين به پرماتما جي کوج ڪرڻ جي ڪوشش ڪونه ٿا ڪريون. هميشه انکي ٻاهر جهنگلن ۽ پهاڙن ۾ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا، يا گرنٿن ۽ پوٿين ۾ پائڻ چاهيون ٿا، يا سمجهون ٿا ته هو گوردوارن، مندرن، مسجدن يا ديولين ۾ ئي ملي سگهندو. ڪڏهين خيال ايندو آهي ته هو ڪٿي آسمان جي پنيان لڪي ويٺو آهي، ليڪن جنهن جاءِ تي اهو پرماتما آهي ان هنڌ تي تلاش ڪريون ڪونه ٿا. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

”گورمک هووي سو ڪايا کوجي، هور سب ڀرم ڀلائين.“

يعني جڳ جي مالڪ جا اصلي ڀڳت ۽ پيارا آهن ۽ جنکي ڪنهن سنت مهاتما جي صحبت ملي چڪي آهي، اهي پرماتما کي شرير ۽ ديهه جي اندر ڳولهين ٿا. باقي سڀ دنيا جا جيو ڀرمن ۾ ڦاسي هت تي ڀيا ڀٽڪن. سائين

ٻلي شاھہ فرمائين ٿا:

”ٻاڻ شهہ اسان تـو وکـ نهين،
ٻن شهہ ٿين دوُجا ڪک نهين،
پـر و ئـکن والـي اکـ نـهين،
تان جان جدائيان سهندي ھئہ.“

ڪبير صاحب جن بہ ڏاڍي زوردار لفظن ۾ اسانجي خيال کي انهن وھمن ۽ ڀرمن مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي آھي. ھو سمجھائين ٿا:

”ڪنڪر پٿر جوڙ ڪر، مسجد لئي چڻائي،
تان چڙھہ ملا بانگ دي، ٻھرا ڀئيا خدائي.
ملا چڙھہ ڪلڪاريا، الکـ نہ ٻھرا ھولي،
جس ڪارن تون بانگ دي، دل ھي اندرسولي؛
ترڪ مسيتي ھندو ديهري، آپ آپ ڪو ڌائـي،
الکـ پرش گھٽ ڀيتري، تاڪو لکا نہ جائي.“

پٿر ۽ سرون ڪٺيون ڪري اسين مسجد يا مالڪ جي رھڻ جي جاءِ ٺاهيون ٿا ۽ انجي ڪنـڌي تي چڙھـي ملان وڏي آوازسان بانگ ڏئي پرماتما کي پڪاري ٿو ڄڻڪ پرماتما ٻوڙو آھـي ۽ اسانجو آواز ھن تائين ڪونـه نٿو. ڪبير صاحب سمجھائين ٿا تہ، اي ملان، خدا ٻوڙو ناھي. ايترو چلائڻ جي ضرورت ناھي. جنهن خدا واسطي تون ايترو زور زور سان رڙيون ٿـو ڪرين اھو تہ تنهنجي اندر ئي موجود آھي. مسلمان اُن خدا کي مسجدن ۾ ڳوليندا ٿا تہ ھندو مندرن ۾ اُن پرماتما کـي ڳولهي رھيا آھن. سکـ ۽ عيسائـي وري گوردوارن ۽ ديولين ۾ اُن مالڪ جي تلاش ڪري رھيا آھن. ليڪن اُھو الکـ پرش تہ ھنجي شرير ۾ ئي وسـي ٿو ۽ شرير اندر ئـي ملندن. اھڙي طرح للـي

صاحب بہ سمجھائين ٿا:

"اهڙي مندر مسجدون ۾ جائي صد افسوس هئہ،
قدر ٿي مسجد ڪا ساڪن، دکس، اُتاني ڪي لئي."

سائين بلي شاھ ڪيترو نہ بي ڌڙڪ فرمائين ٿا:

"پڙه نمازان ڇڪر روزي ڪامي دي سر سياهي،
بلي نون شه اندرون مليا، ڀلي ڦري لوڪائي."

وري اڳتي هند فرمائين ٿا:

"بيد قران پڙھ پڙھ ٿڪي،
سجدي ڪردہان گھس گئي متي،
نہ رب تيرت نہ رب مڪي،
جس پايا تس دل وچ يار."

ڪھڙي نہ افسوس جي ڳالھ آهي تہ جيڪي جايون اسان پرماتما جي رهڻ لاءِ ٺاهيون آهن، اسين انهن هنڌن تي پرماتما جي تلاش ڪري رهيا آهيون پر جنهن شرير ۾ پرماتما وسندو آهي، اهو شرير نہ مالڪ جي ڳولا ۾ رات ڏينهن دک ڀوڳي رهيو آهي. جيڪڏهن ڪو سچي ۾ سچو گردوارو، مندر يا مسجد يا ديول آهي تہ اهو صرف اسانجو پنهنجو شرير آهي. اها جاءِ پرماتما پنهنجي رهڻ لاءِ خود بنائي آهي ۽ ان جي اندر ٿي هو پاڻ وسندو آهي. ڪبير صاحبن جو فرمان آهي:

"سب گھٽ بورن پور رهيا هئہ، آد پرش نرباني."

سينٽ پال بہ هن شرير کي زنده پرماتما جو مندر ڪري بيان ڪيو آهي يعني تہ اهو مندر جنهنجي اندر زنده خدا رهي ٿو. رشين منين بہ هن شرير کي نر نارائڻي ديه ڪري ڪوٺيو آهي. اها ديه جا پرماتما خود پيدا ڪئي آهي ۽ جنهنجي اندر اهو پرماتما خود وسندو آهي ۽ ان ديه جي اندر ٿي اسانجي آتما پرماتما کي پائڻ جو فخر حاصل ڪري

سکيو ٿي. اِهائي ڳالهه گرو امرداس صاحب سمجهائين ٿا:

”هر مندر اهو شرير هئه گيان رتن پرگهٽ هوئي.“

يعني هي اسانجو شرير ئي مالڪ جي رهڻ جو اصلي هري مندر آهي ۽ اُن مالڪ جو اصلي يعني سچو گيان هن شرير جي اندر ئي ملي سگهي ٿو. ذرا غور ڪري ڏسون ته جيڪي جايون اسان پرماتما جي رهڻ لاءِ ٺاهيون آهن مثال مسجد، مندر، گوردوارو ۽ ديول وغيره اسين اُنهن ۾ وڃي پرماتما جي کوج ڪري رهيا آهيون بنسبت اُن جاءِ جي، جا مالڪ پاڻ پنهنجي رهڻ لاءِ ٺاهي آهي ۽ جنهن ۾ هو خود رهيتو. اسين پنهنجي ڌارمڪ استانن کي ڪيترو نه صاف سٿرو رکندا آهيون. ٿوري به گندگي اُتي نٿا رهڻ ڏيون ۽ اُتي ڌوپ وغيره ٻاربندا آهيون. اُنهن پوتر استانن تي ڪوبه خراب ڪم نٿا ڪريون ۽ نه ئي ڪو ڪڙو لفظ واس مان ٿا ڪيون چاڪاڻ ته اسين سمجهون ٿا ته اهي مالڪ جي رهڻ جو جايون آهن انهيڪري اُتي پوترتا قائم رکڻ گهرجي. ليڪن جا جاءِ مالڪ خود پنهنجي رهڻ لاءِ ٺاهي آهي ۽ جنهن ۾ هو پرماتما پاڻ وسندو آهي يعني اسانجو شرير، اُنکي ڪيئن نه رات ڏينهن گندگيءَ سان ڀري رهيا آهيون. ڪڏهين گوشت ۽ شراب اُن اندر وجهون ٿا ته ڪڏهين اُن ۾ ويهي برا برا ويچار ڪري رهيا آهيون ۽ ڪوٽا ڪوٽا ڪرم ۽ پاپ ڪري رهيا آهيون. پنهنجي بنايل چيز جو ته قدر ڪريون ٿا پر جا جڳهه مالڪ خود پنهنجي رهڻ لاءِ بنائي آهي اُنجو ته ڪوئي قدر ئي ڪونه ٿا ڪريون. ڪيترا دفعا ته لوازم پڙهي شرم به ايندو آهي ته جيڪڏهين اسانجي بنايل ڪنهن مندر، مسجد، گردواري يا گرجي وغيره جي ڪنهن ديوار ۾ غلطيءَ کان رڳو ڪو ڏار (crack) ڪري ته اسين اُن پرماتما جي بنايل هر مندرن کي (انسان کي)

هزارن جي تعداد ۾ ڪيرائڻ ۽ ناس ڪرڻ جي ڪوش[illegible]
ڪريون ٿا. ڪبير صاحب فرمائين ٿا:

"هندو ڪهت هئي رام همارا، مسلمان رحمانا،
آپس ۾ دونو لڙي مرت هئي، مرم ڪونو نهين جانا."

الياس ٻڌائي ٿو ته انڪري ڪيترائون نه جنگيون ٿيو[illegible]
آهن ۽ ڪيتري نه خون خرابي ٿي آهي. ڪيترا ٻار يتيم ٿ[illegible]
آهن ۽ ڪيترائون عورتون ودوائون ٿيون آهن ۽ پوءِ اسين ان [illegible]
فخر وٺي پاڻکي مذهب جا رکوالا سمجهون ٿا، پاڻکي ڌرم[illegible]
جا شهيد سڏايون ٿا. جيڪڏهين هڪٻئي کي قتل ڪرڻ[illegible]
سان ۽ خدا جي خلقت جو خون وهائڻ سان ئي پرماتما ملي[illegible]
سگهي ته ان کان سستو سودو ۽ آسان طريقو ٻيو ڪهڙو ٿي[illegible]
سگهي ٿو؟ پر اسانجو اهو خيال غلط آهي. جنهنجو پرماتما
سان پيار آهي اهو پرماتما جي خلقت ۽ مخلوق سان به پيار
ڪري ٿو. جڏهين پرماتما هڪ آهي ۽ اُن پرماتما ئي سڀني
کي پيدا ڪيو آهي ۽ هرهڪ جي اندر هو ٻاڻ وانگر آهي ۽
هرهڪ کي پنهنجي اندر ئي اُن پرماتما جي کوج ڪرڻي
آهي، پوءِ جيڪو ڪنهن سان نفرت ٿو ڪري ته هو
پرماتما سان نفرت ٿو ڪري. جيڪڏهين ڪا قوم ٻي قوم
کي ٻرو ڀلو ڪوٺي ٿي ۽ ڪو مذهب ٻئي مذهب وارن جي
خون جو پياسي آهي ته مهنجي خيال موجب اُن قوم ۽ مذهب
اندر اڃا مالڪ جي ملڻ جو شوق ۽ پيار پيدا ٿيو ئي
ڪونهي ڇاڪاڻ ته جنهنکي اُن پرماتما سان پيار آهي اهو
اُن پرماتما جي مخلوق سان به ضرور پيار ڪندو. جي
اسين ڪنهن سان نفرت ڪريون ٿا ته اسين اُن پرماتما سان
ئي نفرت ڪري رهيا آهيون جو ان جي اندر وسندو آهي ۽
جنهن هنکي پيدا ڪيو آهي. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

"جبا جنت سب لندي، سينا ڪا سونـي،
مندا ڪس نون آکيئي، جو دوجا هوني."

يعني اي پرماتما، سڀ دنيا جا جيو ۽ پاڻ پيدا ڪيا
آهن ۽ اهو ئي هرهڪ جي اندر ويٺو آهي. انهيءَ ۽ اهو نه
ڄاڻن ڪي سڄاڻن جي هنجي اندر ڪو اهو پرماتما ڏسجي ٿو
هيڪي ڪٿي ٿي پيدا ڪيو هجي. سائين ٿي اُپديش ڪيو
صاحب ڏنا ٿا:

"اول الله نور اُپائيا، قدرت ڪي سڀ بندي،
ايڪ نور تي سڀ جڳ اُپجيا، ڪؤن ڀلي ڪؤن مندي."

اهڙيءَ طرح سينٽ جان ۾ بائيبل ۾ لکيو:

"That was the true light which lighteth
Evrey man that cometh into the world."
(ts. John 9 : 1)

يعني هرهڪ انسان جو هن سنسار ۾ اچڻو ٿئي ٿو ان کي اهائي پرم
جوت روشن ڪري ٿي.

يعني ته ان پرماتما جو نور ۽ پرڪاش هرهڪ جي اندر
آهي. نه ڪوئي ٻرو آهي ۽ نه ڪوئي ڀلو آهي. سڀ پنهنجي
پنهنجي ڪرمن انوسار پنهنجو پنهنجو حساب ڏيئي رهيا آهن.
تنهنڪري مهاتما سمجهائين ٿا ته ان پرماتما جي کوج ۽ تلاش
باهر نه ڪرڻ گهرجي. پنهنجي شرير ۽ ذهن اندر ئي اُن کي
ڳولهڻو آهي.

هئوميءَ جي رڪاوٽ

هاڻي قدرتي من ۾ اهو خيال اچڻو ته جي پرماتما هرهڪ
جي اندر آهي ته اسان کي نظر ڇو نٿو اچي؟ اسان جي اندر
ڪهڙي چيز جي رڪاوٽ آهي ۽ اها رڪاوٽ اندر مان
ڪيئن دور ٿي سگهندي؟ گرو ارجن ديو فرمائين ٿا:

"اڪا سنگت اڪت گرهه بستي، مل بات نه ڪرتي ڀائي،
اتر الک نه لکيا جائي، وچ پردا هئومي پائي."

يعني اهي گڏ رهن ٿا ۽ هڪ ئي گهر ۾ ٻنهي جو نڪالو

آهي. ليڪن پاڻ ۾ ميلاپ ٿي نه ٿيو آهي يعني ته آتما به
شرير اندر آهي ۽ پرماتما به شرير اندر آهي. پر نه ڪڏهين
آتما پرماتما جو درشن ڪيو ۽ نه ڪڏهن سهائڻ ٿي. وري
پاڻ ٿي جواب ڏنائين ته پرماتما برابر اسانجي شرير اندر آهي
پر اسانجي ۽ مالڪ جي وچ ۾ "هومي" جي وڏي زبردست
رڪاوٽ آهي. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

"هون وچ آيا، هون وچ گيا،
هون وچ جميا، هون وچ موا،
هون وچ دتا، هون وچ ليا،
هون وچ کٽيا، هون وچ گيا،
هون وچ سچيارا ڪوڙيار،
هون وچ سورگ نرڪ اوتار."

وري فرمائين ٿا:

"جيون مڪت سو آکيئي، جس وچون هومي جائي."

وري اپديش ڪنٿا:

"هومي ديرگهه روگ هئه، دارو ڀي اس مانهه،
ڪرپا ڪري جي آپڻي، گورو ڪا سبد ڪمانهه."

يعني اسين جيڏري ٿي مڪتي پائي سگهون ٿا جي اسانجي
اندر مان هومي جي رڪاوٽ دور ٿي وڃي. گورو امرداس
صاحب فرمائين ٿا:

"هر جيو سچا اونچا اونچا، هومي مار ملاوڻهار."

يعني اهو پرماتما لافاني آهي يعني سڀڪنهه جي رهڻ وارو
آهي. پر جيسين هومي جي رڪاوٽ دور نه ڪندا سين ليسين
اُن پرماتما سان ملي نه سگهندا سين. دادو صاحب به
سمجهائين ٿا:

"دادو دعوي دور ڪر، بن دعوي دن ڪاٽ،
ڪيتي سودا ڪر گئي، پساري کي هاٽ."

اي دادو! دنيا ۾ ڪنهن به چيز جي دعويٰ نه ڪر. تنهنجو هن دنيا ۾ ڪجهه ڪونهي. هي سڀ ڪجهه اُن پرماتما جو آهي. انڪري پرماتما جو ٿي سمجهه. انهن پدارٿن کي پنهنجي ٻاڻڻ جي ڪوشش نه ڪر ڇاڪاڻ ته اهي نه ڪڏهن ڪنهنجا ٿيا آهن ۽ نه ٿي سگهن ٿا. دنيا ۾ وڏا وڏا راجائون مهاراجائون هن سنسار کي پنهنجو ٻاليندي ٻائيندي هليا ويا پر هيءَ دنيا انهن جي نه ٿي سگهي. اِها اسانجي هومي سا ممتا ئي آهي جا بار بار اسانکي هن دنيا جي ٻنڌن ۾ آڻي ٿي. ڪرائيسٽ به بائيبل ۾ فرمايو آهي:

"And again I say unto you, it is easier for a camel to go throught the eye of a needle, than for a rich man to enter into the Kingdom of God."
(Matthew 19:24)

ٻيهر مان وري اوهانکي چوان ٿو ته پرميشور جي راڄ ۾ ڌنوان جي وڃڻ کان اُٺ جو سُئيءَ جي ناڪي مان لنگهڻ سولو آهي.

ڀائي شاهه جو به اهوئي ڪلام آهي:

”دوئي دور ڪرو ڪوئي شور نهين،
اِڪ ترڪ هندو ڪوئي هور نهين،
سڀ ساڌ اسڪو ڪوئي چور نهين،
هري گهٽ گهٽ بيچ سمايا هي.“

اهڙي طرح ڪبير صاحب به فرمائين ٿا:

”ڪام لڳي تو ڪروڌ نه جائي، ڪروڌ لڳي تو لوڀا،
لوڀ لڳي اهنڪار نه جائي، مان ٻڙائي شوڀا.“

هوميءَ ڇا آهي؟ هي جو سڄو ڏينهن اسين سوچيون ٿا ته هيءَ منهنجو اولاد آهي، هيءَ منهنجي جائداد آهي، هيءَ منهنجي دولت آهي. اهو سڀ ڪجهه حقيقت ۾ اُن پرماتما جو آهي. اسين پنهنجو پاڻ کي اُن پرماتما کان الڳ سمجهون

ويندا آهيون ۽ انهن پيدارتن کي پنهنجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. ليڪن اهي اڄ تائين نه ڪنهن جا ٿيا آهن ۽ نه ٿي سگهندا. پر جڏهن انهن کي اسين پنهنجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا نه اهي اسانکي پنهنجي موه ۾ ڦاسائي رکن ٿا ۽ انهن پدارٿن ۽ شڪلين سان اسانجو اهڙو نه پيار ٻڌجي ٿو وڃي جو رات ڏينهن سپنا به انهن جا ٿيي اچڻ شروع ٿين ٿا ۽ موت جي وقت انهن جون ئي شڪليون اسانجي اکين اڳيان سنيما جي پردي وانگر ڦرڻ شروع ڪن ٿيون. جنهن طرف به اسانجو خيال موت جي وقت وڃي ٿو، اسان دنيا جا جيو اُن طرف ئي وهي وڃون ٿا. اهو دنيا جي شڪلين ۽ پدارٿن جو موه ئي آهي جو اسان مان هرهڪ کي بار بار هن دنيا جي بندنن ۾ ڇڪي آڻي ٿو. ڪرائيسٽ به بائيبل ۾ سمجهائي ٿو:

"And man's foes shall be they of his own household." (matthew 10 : 36)

نه انسان جا ويري انجي گهر وارا ئي ٿيندا آهن. ويري اڳتي ٻڌائين ٿا نه اسانجا سچا رشتيدار ڪير آهن:

"For whosoever shall do the will of my Father which is in Heaven, the same is my brother and sister, and mother." (Matthew 12 : 50)

جو به منهنجي سرڳ واري پتا جي اڇا انوسار هلي اهو ئي منهنجو ڀاءُ، ڀيڻ ۽ ماءُ آهي.

اسانجو من

دنيا جي شڪلين ۽ پدارٿن سان موه ڪير ٿو ڪري؟ اهو اسانجو من ئي آهي جو انهن شڪلين ۽ پدارٿن سان موه لڳائي ويٺو آهي. انڪري جيڪڏهن آتما ۽ پرماتما جي

وڏي رڪاوٽ آهي يا ڪو ٻيو آهي تہ اهو صرف
اسانجي من جو ٻڌو آهي. انڪري گرو نانڪ صاحب پنهنجي
بانيءَ ۾ لکن ٿا:

"نانڪ من جيتي جڳ جيت."

جيڪڏهين اوهين پنهنجي من کي قابو ڪندا تہ اوهين
سڄي دنيا جي بنائڻ واري کي هٿ ڪري سگهندا.
جيڪڏهين اسانجو دنيا ۾ ڪو بہ دشمن آهي تہ اهو صرف
اسانجو من ئي آهي. هيءُ ڪڏهن ڪنهنکي پنهنجو ٿو ڪري
تہ ڪنهن کي پرائو ٿو سمجهي. جنهيءَ طرح ويچار ڪري
ڏسو. هي صرف اسانجو من ئي آهي جنهنجي ڪري ۾ اچي
قوم قوم جي دشمن آهي ۽ مذهب مذهب جو دشمن آهي.
هڪ ملڪ ٻئي ملڪ کي ايذاءُ ڪرڻ چاهي ٿو ۽ ڀاءُ ڀاءُ جو
منهن ڏسڻ نٿو چاهي. هيڪٻئي جي گلي ڪٽڻ جون رٿون
هميشہ پيا سوچيون. هي جيڪي ڪجهہ انسان ڪيان ڪرائي
رهيو آهي اهو اسانجو من ئي آهي. تنهنڪري جيسين اسين
پنهنجي من کي قابو نٿا ڪريون تيسين پرماتما سان ملڻ جي
لائق ڪيئن ٿي سگهنداسين!

من کي قابو ڪرڻ جو مطلب ڇا آهي؟ جهڙي طرح
اسانجي آتما ان پرماتما جي انش آهي اهڙي طرح من بہ
ڪا گهٽ چيز ناهي، من برهم جي انش آهي. ترڪٽيءَ جي
[illegible] وارو آهي پر هت اچي مايا جي جار ۾ ڦاسي پنهنجو
[illegible] ڀلائي ويٺو آهي. هت اچي هن آتما جو ساٿ پڪڙيو
[illegible] روح ۽ من جي ڳنڍ ٻڌجي وئي آهي. جيسين آتما
[illegible] ساٿ نہ ڇڏيندي تيسين هنکي پنهنجي ڀاڻ جي جاڻ
[illegible] سگهندي ۽ نہ وري هوءَ پنهنجي اصل ڌڻي پرماتما
[illegible] قابل ٿي سگهندي. آتما من جو ساٿ تڏهن
جڏهين من برهم يا ترڪٽيءَ ۾ واپس وڃي

پنهنجي اُڪائي ڀڄندو. اسانکي جيڪا به ڪوشش ڪرڻي آهي سا اِها تہ روح ۽ من جي اُميد ڪلي. ان لاءِ سقراط به چيو آهي تہ "پنهنجو پاڻ سڃاڻ" "Know Thyself" گورو نانڪ صاحب به سمجهائين ٿا:

"سو جن نرمل جن آپ پڇاڻا."

اُهوئي شخص نرمل ۽ پوتر آهي جو پنهنجو پاڻ سڃاڻي ٿو. ڪبير صاحب به ائين ئي فرمائين ٿا:

"ساڌو ستگورو الک لکايا جب آپ آپ درسايا."

سوامي جي مهاراج به فرمائين ٿا:

"آپ آپ کو آپ پڇانو، ڪها اور ڪا ايڪ نہ مانو."

پنهنجو پاڻکي ڄاڻڻ جو مطلب اِهو آهي تہ اسانکي من ۽ مايا جي حد کان پار وڃڻو آهي. اسان کي پنهنجي آتما تان ٽيئي پردا (استول، سوکيم ۽ ڪارڻ) لاهڻا آهن ۽ رجو گڻ، تمو گڻ ۽ ستو گڻ يعني ٽنهي گڻن کي پار ڪرڻو آهي. پوءِ وڃي پنهنجي پاڻ جو پتو لڳندو ۽ پنهنجي اصليت جي خبر پوندي. اسانجي آتما تہ بلڪل نرمل، پوتر ۽ پاڪ هئي پر من جو سات ڪرڻ جي ڪارڻ اُلسي گندي ۽ پتت ٿي چڪي آهي. مثال طور بادلن ۾ پاڻي ڪڏهن نہ صاف ۽ پوتر هوندو آهي پر جڏهن وقت اُهو پاڻي برسات بڻجي زمين تي ڪري ٿو تہ ڪڏهن نہ گندو بڻجي پوي ٿو اتري ٿو جو اُن مان بدبوءِ اچڻ شروع ٿئي ٿي. هو پنهنجي اصليت کي صفا ڀلائي وهي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ کي گندگيءَ جو روپ سمجهڻ شروع ڪري ٿو. پر جڏهين اُن گندگيءَ کي ... جي لپيٽ لڳي ٿي ۽ اُهو پاڻي بخار بڻجي اُن گندگيءَ کان چڙي ٿو تہ تڏهين اُن کي پنهنجي پاڻ جي خبر پوي ٿي ... مان ڇا آهيان. جڏهن وقت هنکي پنهنجي پاڻ جي ڄاڻ ... ٿي تہ پوءِ هو پنهنجي اصليت متعلق سوچي ٿو ۽ پوءِ

آسمان جي اندر سڄو بادلن ۾ وڃي پنهنجي اصل ۾ سمائجي
ٿو. اسانجي آتما جي حالت به اهڙي آهي ڇاڪاڻ جو
اُها مايا جي ٻار ۾ ڦاسي من جي اڌين ٿي چڪي آهي ۽
من اندرين جي پوئين ۽ اندرين جو عاشق ٿي چڪو آهي ۽
جيڪي جيڪي ڪرم من ڪري ٿو انجو ڦيرو من سان گڏو
گڏ آتما کي به ڀوڳڻو پوي ٿو. جيستائين آتما من جو ساٿ نه
ڇڏيندي تيستائين اُها پنهنجي اصل جي اندر سمائجڻ جي لائق
نه ٿيندي. مهاتما چرنداس جن فرمائين ٿا:

"اندرين کي بس ۾ رکي، من کي اس رکي ٻڌ،
ڪيو ڏسان ڪٿي لڳي، اسا جهان ورڌ."

بجليءَ جو هڪ تيز بلب ڪيتري به روشنيءَ وارو ڇو
نه هجي پر جيڪڏهين اُن جي مٿان ڪارو ڪپڙو ويڙهڻ
شروع ڪبو ته سندس روشني گهٽجي گهٽجي ليڪ گم ٿي
ويندي. اهو بلب جتي به ڪٿي ويندا سين ته اُتي اونده ئي
اونده هوندي. جڏهن جڏهن اسين اُن بلب تان ڪاري ڪپڙي
جا تهه لاهيندا ويندا سين تيئن تيئن اُن مان روشني ۽ پرڪاش
ظاهر ٿيڻ شروع ٿيندو ۽ جڏهين سمورا تهه اُن بلب تان لهي
ويندا ته انجو پرڪاش پوريءَ طرح ظاهر ٿيندو. اهڙي طرح
جڏهن جڏهن اسان جي آتما من جو ساٿ ڇڏيندي ويندي تيسا
من جا پردا اُن تان لهندا ويندا تيئن تيئن هوءَ پنهنجو پاڻ کي
سمائڻ جي لائق بڻجندي ويندي. انڪري چيو ويو آهي
ته پرماتما جي گيان کان پهرين آتم گيان ضروري آهي.

هاڻي اسان کي جيڪا به ڪوشش ڪرڻي آهي سا ڪرڻ
طريقو سوچڻو آهي اهو من کي قابو ڪرڻ جو ئي سوچڻو آهي.
من کي واپس برهم يعني اڪنيءَ ۾ موٽي وڃڻ جو ئي سوچڻو
آهي. هر هڪ مذهب جو اهو ئي مقصد آهي. اسين دنيا جا
جيڪو پنهنجي عقل موجب من کي قابو ڪرڻ يعني

سڀ ٻارا آهن اهي جهڙي طرح زهريلي نانگ کي نوڪريءَ
۾ بند ڪئي. جيڪڏهن عرصو هو نوڪريءَ ۾ بند هوندو اسين
اُن نانگ جي زهر ۽ ڏنگ کان بچيل رهنداسين. پر جڏهن
اُن کي ٻاهر نڪرڻ جو وجهه ملندو ته هو ڏنگ ضرور
هڻندو، ڪڏهن به پنهنجي عادت کان باز نه ايندو. انڪري
ڪڏهن نانگ کي نوڪري اندر بند ڪرڻ سان اسين هميشه
لاءِ اُنجي زهر کان ڇٽي نٿا سگهون. اسان کي پنهنجي جان
جو خطرو لڳو پيو رهندو. پر جيڪڏهن اُن نانگ کي
پڪڙي اُنجي زهر جي ٿيلهي ٻاهر ڪڍي ڇڏيون ته اُهو
نانگ نقصان پهچائي ڪونه سگهندو ۽ اُنکي ڏنگ هڻي
سگهندو ۽ اسين هميشه لاءِ بي خوف ٿي پونداسين. پوءِ چاهي
اسين اُن نانگ کي پنهنجي گلي ۾ وجهي گهمون ته به ڪجهه
ڪري نه سگهندو. اهڙي طرح اسين جڏهن ٻارن اُنهن کي
لپائي جهنگلن ۽ پهاڙن ۾ وڃي ٿا لڪون يا گرنٿ پڙهون ۽
ويد شاستر پڙهون ٿا ته انهن ٿا سمجهون ته جڻ اسان جو من
اسان جي قابوءَ ۾ اچي ويو آهي يا وس ٿيو آهي. پر وري
جڏهن دنيا جو مقابلو ڪرڻو پوي ٿو ته اُهيئي خواهشون ۽

اسانکي هيون سڀ پيون ڏيون اندر اسانجي ...مالون جي

آهي إنا ته حقيقت ڀاڪ ٿيون. ڪن شروع اچڻ لي ...ن لي
پوندي لي بدلڻ حالت اسانجي سان ڪان انسان ساڌارڻ ...
ڪ ڏٺو وڃا اُوڙرو ٿا ڏباڻون ڪي چيز ڪهڙي اسين ته جيترو ...ي.
آهي الين ڪرڻ قابو ڪي من زبردستي ... ڪالي. زبردستي ...ڙڪو لي
آهي اهڙو الين ته ڏسڻ وڃڻ. رڪ مٿان ڪرڻ ڏرڙ ...ڄڻ
ته ٿي لڳي هوا ته ٿوري وقت جهڙي پر آهي، واسطيل باهر ...ڙ
ٿي. پوري ڀري ڪائي ڀڙڪو باهه ۽ وڃي ...ڪ اُڏامي
اچيتو طوفان ها آلڌي جي وشين ۽ پوڻ جڏهين طرح اهڙي
۽ ٿو وڃي نڪري باهر کان وس ۽ ٿو اٿي جاڳي ورِي ته من
ڪرڻ قابو کي من زبردستي ٿو. وڃي پهچي زور ته کان اٿي
حوالي جي پوليس کي بدمعاش ڪنهن اسين جڏهن آهي الين
ته حوالات جي پوليس بدمعاش آهو جيستائين آهيون. ڪندا
کان بدمعاشين ۽ شرارتن جي هن اسين عرصو اوترو آهي بند
ڪري آزاد هنکي پوليس وقت جهڙي پر ٿا رهون بچيل ضرور
ڪري شروع ڪرڻ شرارتون ۽ اچاڻون ساڳيون ضروري ته ني
حوالي جي پوليس اسان کي بدمعاش اُن جيڪڏهن پر لو.
ٿا ٻڌايون انسان شريف هڪ ٻڌائي سمجهاڻي بجاءِ ڪرڻ
ڪري. الڳ ٿيون بچي کان شرارتن هنجي ءِ هميشه اسين جيڪر
ذراڙي جي سمجهه ۽ ڪرڻ همت ته ٿا سمجهائين ميالنائون
اسين سگهندا نه آئي ته قابوءِ کي من پنهنجي ته ڪڏهين اسين
ملندو. ضرور آرام ڪجهه ءِ وقت ٿوري پر
ڪرڻ وس کي من ها پائڻ قابو لي من اسين جيڪڏهن
سياءِ ۽ عادت جي من اول کان سڀ اسانکي ته ٿا چاهيون
آهي آزمودو اهڙو جو سڀني اسان جي. ڪرڻ سمجهڻ طرح چڱيءَ
...تيا ڪري پيار سان چيز هڪ آهي. عاشق جو لذت من ته
...تنا ستي وڏڪ ڪان ٻتراءِ شڪل ها چيز ڪي جيڪڏهين

اڄيس تي نہ هو هڪدم ٻهران ڇڏي ايءَ جي ٻوهان ٻوڙڻ
شروع ڪري ٿو. ڪوئي بہ موهہ يا پيار اسانجي من کي
هميشہ لاءِ قابو ڪري نہ ٿو سگهي. اسان جو پنهنجي پنهنجي
زندگيءَ جو تجربو آهي تہ اُهي شڪليون ۽ پدارٿ جن کي
اسان ڪنهن وقت پنهنجي بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين
۽ سمجهندا هئاسين تہ اُنهن کانسواءِ اسانجو زنده رهڻ مشڪل،
بلڪ ناممڪن آهي، اڄ اُنهن ئي شڪلين سان اسان جو
من نفرت ڪري ٿو ۽ اُنهن کي ڏسڻ بہ پسند نہ ٿو ڪري.
اها ڳالهہ تہ عالم آشڪار آهي تہ من بدل سدل (Variety)
جو عاشق آهي. هڪ ئي چيز کي ڏسي ڏسي ۽ کائي کائي
تنگ ٿي پوندا آهيون. پنهنجي سڄيءَ زندگيءَ کي اکين
اڳيان رکي ويچار ڪري ڏسو تہ ٻالپڻي ۾ اسان جو ماءُ پيءُ
سان ڪيترو نہ پيار هو. جي ماءُ اسان کان بہ منٽ بہ الڳ
ٿيندي هئي تہ اسين هڪدم روئڻ شروع ڪندا هئاسين، پر
جڏهن بہ ئي ٻاهر پير اچي ويا تہ اُهوئي ماءُ سان اڳيون پيار
ٻانن ۽ پيرن سان لڳي ويندو هو. اُن کانپوءِ جنهن وقت سڪول
يا ڪاليج ۾ داخل ٿيندا آهيون تہ اُهوئي پيار دوستن سان ٿي ويندو
آهي. شاديءَ بعد تہ اُهو پيار زال ۽ ٻارن ٻچن ۾ سمائجي ويندو
آهي. بزرگ ٿيندا آهيون تہ اُهوئي پيار قومن، مذهبن ۽ ملڪن
سانئين ڦهلجي ويندو آهي. پيار هڪڙوئي آهي پر ڪيترا نہ
روپ ۽ شڪليون ٿو بدلي. پر ڪو بہ پيار اسانجي من کي هميشہ لاءِ
قابو نہ ٿو ڪري سگهي ڇاڪاڻ تہ اسانجو من لذت جو عاشق
آهي تنهنڪري جيسين اسان جي من کي دنيا جي لذتن،
موهہ ۽ پيار کان وڌيڪ اچي ۽ سٺي لذت، موهہ يا پيار نہ
ملندو تيسين هي من دنيا جي لذتن، سوادن، موهہ ۽ پيار
کي ڇڏڻ لاءِ ڪڏهن بہ تيار ڪونہ ٿيندو. اُها ڪهڙي چيز
يا لذت آهي جنهنکي حاصل ڪري اسانجو من دنيا جي

موهه ۽ پيار کي ٽوڪتا ڪندو؟ مهاتما پنهنجي انڀوَ مان
ٻڌائين ٿا ته اها شبد ۽ نام جي لذت آهي. اها لذت اهڙي
رسيلي، اوچي ۽ نرمل آهي جو اُنکي حاصل ڪري انسان جو
مَن خود بخود دنيا جي موهه ۽ پيار کي ڇڏي ڏئي ٿو.
جيئنڪي هيرا جواهر ملي وڃن ٿا اهو ڪوڏين لاءِ در بدر
ٺوڪرون نٿو کائي. ٻچو کڏڻون ڪڏين ۽ رانديڪن سان کيڏنائين
راند ڪندو آهي جيستائين سندس شادي نه ٿي آهي. ويراڳ
(Detachment) ڪڏهن به انسان جي اندر لڳاءُ (Attachment)
پيدا نه ڪري سگهندو. صرف لڳاءُ ئي انسان جي اندر ويراڳ
پيدا ڪري سگهيتو. جيڪڏهن ڪنهن ڇوڪريءَ کي شاديءَ
کان اڳ ڪيترو به سمجهائجي ته ماءُ پيءُ جو پيار ڇڏي ڏي،
ڀائرن، ڀينرن ۽ سکين سهيلين کي ڀلائي ڇڏ ته اهو تنهنجي
شادي ڪرائڻون لاءِ اها ڳالهه هن لاءِ مشڪل ئي نه مگر
ناممڪن آهي پر جڏهن وقت هوسڪي پنهنجي پتيءَ سان پيار
ٿي وڃي ٿو ته هوءَ خود بخود پنهنجي ماءُ پيءُ، ڀاءُ ڀيڻ ۽
سکين سهيلين کي وساري وهي ٿي. جيڪڏهين ڪو ڪنگال
جو ڪوڏي ڪوڏي پسدو رهي ٿو اُن کان جيڪڏهن اسين
هڪ ڪوڏي به کسڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته هو مرڻ
مارڻ لاءِ تيار ٿي ويندو مگر ڪوڏي نه ڇڏيندو. پر جڏهن وقت
اسين هنجي هٿ لي هڪ اشرفي (گيني) رکنداسين ته هنجي
ڪوڏين واري مٺ خود بخود کلي پوندي. گورو نانڪ
صاحب من جي متعلق سمجهائين ٿا:

"بانت پڙهيو اور بيد بچاريو، نولي ڀوانسگم سادي
پنچ جنان سڃ سنگ نه چيڪيو، اڌڪ اهم بدي باڌي،
پياري ان بڌ ملن نه جائي مئن ڪئي ڪرم اليڪا."

من کي وس ڪرڻ لاءِ انسان بيشمار ڪرتن ۽ پوٿين جو
پاٺ ڪيو. ارڙهن پران، گيتا، ڀاڳوت، ويد شاستر ۽ اپنشد

۽ پڙهيا. پراڻا ڀاڳ، نوان ڪرم ۽ هٺ يوڳ جون ڪئين ڪرياڪون
به ڪري ڏٺيون. ڪنهن ۾ ڪي جاڳائڻ جو جتن ڪيو پر نه ته
پنجن ڌاڙن يعني ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار
پيڇو نه ڇڏيو. اهڙي گورو صاحب فرمائين ٿا:

”مونکي پئيو ڪرپالي رهيو لکن ڪرٺو بن ماهين،
لٽ تيرٿ سب ڌرتي پرميو دبڌا ڇٽڪي ناهين.
من ڪامنا تيرٿ جائي بسيو سر ڪروت ڌرائي؛
من ڪي ميل نه اُتري اِهه بڌ جي لک جتن ڪرائي.“

چون ٿا ته مون رکيو يعني ڳالهائڻ بند ڪيم، گهر ٻار
ڇڏي جهنگلن پهاڙن ۾ به ويس، ڪپڙا پرائڻ وغيره تياڳي
صرف هٿن جي ذريعي کاڌو پيتم ۽ دنيا جا سڀ تيرٿ ۽
پنيم، سڄيءَ ڌرتيءَ جي پرڪرما ڪيم ۽ ٻيا به ڪيترا اهڙا
مشڪل ساڌن ڪيم پر تڏهن به من جي ميل نه لٿي. من کي
قابو ڪرڻ لاءِ ڪاشيءَ وڃي ڪروت سان سر به ڪٽايم ۽
اهڙي قسم جا ٻيا به لکين جتن ڪيم ليڪن من جي دبڌا نه
وئي. سائين بلي شاهه به ائين ٿي پڪارن ٿا:

”نه خدا مسيتي ليدا، نه خدا خانه ڪعبي،
نه خدا قرآن ڪتيبان، نه خدا نمازي.
نه خدا مئن تيرٿ ڏٺا، اوڙان پنڌي جهاڳي،
بلاشاهه جد مرشد مل گيا، مٽي سب لگادي.“

من کي قابو ڪرڻ جو صرف هڪ ئي علاج آهي ته ان
کي شبد يا نام جي لذت ڏني وڃي. جئن جئن هي من شبد
۽ نام جي لذت حاصل ڪندو تئن تئن هنجو دنيا مان موهه ۽
پيار ٽڪرڻ شروع ٿيندو. شبد جي لذت ۽ ڪشش هن کي
دنيا کان الڳ ڪندي. سوامي جي مهاراج جن سمجهائين ٿا:

”ڪروت جتن سي اهه نهين ماني،
ڌن سن ڪر من سمجهاني.

جوڳي جڳت ڪماوڻ اپني، گياني گيان ڪرائي،
ٻپسي لپ ڪر تاڪ رهي هين، جتي رهي جت لائي،
ڏياني ڏيان ماسي لاوڻ، رهه پي ڏوکا کائي.
پنڊت پڙهه پڙهه ويد بکالين، وديا بل سب جائي،
بڌ چترتا ڪام نه آوي، عالم رهي پڇتائي،
اور عمل ڪا دخل نهين هئه، عمل شبد تو لائي؛
گورو ملي جب ڏن ڪا پيدي، شش ورهه ڌر آئي.
سرت شبد کي هوئي ڪمائي،
لب من ڪي نوراني."

هڪ ٻئي شبد ۾ ٻه سوامي جي مهاراج جن اُپديش ڪن ٿا:

"سوتا من ڪس جاڳي پائي،
سو اپاءِ مئن ڪرون بکان.
ليرت ڪري برت پي راڪي،
وديا پڙهه ڪي هوئي سجان.
جپ تپ سنجم بهو بڌ ڌاري،
موني هوئي ندان.
اَس اُپاو هم بهوت ڪيني،
تو ڀي يهه من جگا نه آن.
کوجت کوجت ستگورو پائي،
اُن يهه جگت ڪهي پرمان.
ست سنگ کرو سنت ڪو سيوو،
تن من کرو قربان.
ستگورو شبد سنو گگنا چڙهه،
چيت لگاوو اپنا ڌيان.
جاگت جاگت اب من جاگا، ڇوٽا لگا جيان
من کي مدد ملي سرت ڪو،
دونون اپني محل سمان.

بنا شبد يهه من نهين جاڳي،
گرو چاهي ڪوئي انيڪ وڌان."

سوامي جي مهاراج هڪ ٻئي شبد ۾ به چڱيءَ طرح سمجهائين ٿا:

"جنهون ني مار من ڊالا، اُنهي ڪو سورما ڪهنا.
بڙا بيري يهه من گهٽ ۾، اِسي ڪا جيتنا ڪٺنا.
پرو تم اِس هي ڪي پيڇي، اور سب هي جتن تجنا.
گورو ڪي پرتت ڪر پهلي، ٻهور گهٽ شبد ڪو سننا.
مان ڏو بات يهه ميري، ڪري مت اور ڪڇ جتنا."

گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

"سچي نام سدا من سچا، سچ سيوي دک گواونيا."

صرف سچي شبد ۽ سچي نام جي ڪمائي ڪري ئي انسانجو من نرمل ۽ پوتر ٿيئي ٿو. سچي شبد جي ڪمائي ڪري ئي اسين چوراسيءَ جي دکن کان ڇٽي سگهون ٿا. وري ٻئي هنڌ هڪ تمام سنو مثال ڏين ٿا:

"گورمک گارڙ جي سني مني لاءِ سنتوک."

جي نه وري به لوڙ پئي. انهن چيزن مان اسين ڪانه
چيز نه ڇڏي سگهون. ٻاهر جيڪو سو اسان پنهنجو ٻار
سوساٽي ۽ لي وڃون ٿا ۽ اسي پنهنجي گهرون ٿا. ماڻهن جي
ڪيترن قسمن جي مونجهارن کي پيدا ٿي ۽ پنهنجي
پيٽ خاطر ڪيترائي ڪوڙ ٺاهيائين ٿا. مطلب اسانکي
سمجهائين ٿا ته دنيا ۾ سورهه ۽ بيمار لي رهيو آهي. دنيا
۾ رهندي به دنيا جي گندگي ۾ نه ڦاسڻو آهي. گرو نانڪ
صاحب ڏاڍو سٺو مثال ڏئي سمجهائين ٿا:

"جيئن جل ۾ ڪنول نرالو مرغابي ڏسائي،
سرت شبد ڀؤ سار ترئي نانڪ نام بکاڻي."

جهڙي طرح ڪنول جو گل پاڻيءَ کان ٻاهر رهندو آهي جيتوڻيڪ اُهي ڏانڊيون پاڻي اندر هونديون آهن يا جهڙي طرح بدڪ پاڻيءَ ۾ رهندي به سڪل پرن سان اڏامندي آهي. اهڙي طرح اسانکي دنيا ۾ رهندي به پنهنجي سرت شبد سان جوڙي هن ڀؤساگر مان پار ٽپڻو آهي. مڪ جا ماڪيءَ جي ڪناري تي وهي ٿي ته اُها ماڪيءَ جي لذت به وٺي ٿي ۽ صحيح سلامت اڏامي به وڃي ٿي پر جي اها مک لالچ وس ٿي ماڪيءَ جي اندر وهندي ته ترقي پنهنجي جان ڏيندي ۽ ماکي به نه کائي سگهندي. دنيا ۾ به اهڙي ئي نموني اسانکي رهڻو آهي. جهڙيءَ طرح هڪ شادي ڪيل ڇوڪري جڏهن پنهنجي ماءُ پيءُ وٽ يعني پيڪي گهر رهي ٿي، اتي هوءَ ماءُ پيءُ جي شيوا به ڪري ٿي، سکين سهيلين سان راند روند به ڪري ٿي ۽ ڳالهائي ٻولهائي به ٿي ته به پنهنجي پتيءَ کي ڪڏهن به وساري نه ٿي. هنجو من هميشه پنهنجي پتي جي پيار ۾ مست رهي ٿو. اهڙي طرح اسانکي سنسار ۾ رهندي ۽ دنيا جو ڏي وٺ جو حساب ڪتاب پورو ڪندي، پنهنجي لِوَ اُن مالڪ جي ڀڳتيءَ ۽ پيار ۾ رکڻي آهي. لهڪري اهاي مهاتما اسانکي اهوئي اپديش ڪن ٿا ته پنهنجي گهر ٻار ۾ رهندي پنهنجي هٿن جي ڪمائي ڪندي مالڪ جي ڀڳتي ڪريو. اسانکي اهڙي ئي مهاتما جي کوج ڪري اُن کان شبد يا نام جو ڀيد وٺڻو آهي.

سچي پوڄا ۽ ڀڳتي

گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

”سنتو گورمک پورا پائي، نامو پوج ڪرائي.“

وري اِئي هنڌ اپديش ڪنثا:

"سچي شبد سچي پت هوئي،
ٻن ناهي مڪت نه پائي ڪوئي،
ٻن ستگر و ڪوئي نام نه پائي،
پرب الکي پت پائي هئي."

يعني فرمائين ٿا ته مالڪ پنهنجي مرضي اها رکي آهي ته قانون ٺاهيو آهي ته سچي شبد يا نام جي ڪمائيءَ کانسواءِ اسين ڪڏهن به مڪتي حاصل ڪري نه سگهنداسين ۽ گرومکن کانسواءِ اسانکي نام جي ڪمائي ڪرڻ جي طريقي ۽ سادن جو پتو ئي نه پوندو. حضرت عيسيٰ به ان طرف اشارو ڪن ٿا:

"I say unto thee, except a man be born again he can not see the kingdom of God." (John 3:3)

يعني ته جيستائين اوهان نئون جنم نه وٺندا توهان ڪڏهن به اُن پرماتما جي گهر ۾ داخل ٿي نه سگهندا. نئون جنم وٺڻ جو مطلب آهيءَ نام يا شبد سان جڙڻ آهي جنهنڪري پاڻي اسانجو تعلق هن ناسوتي دنيا سان ٽٽي پوي ٿو ۽ اسين پنهنجي پرماتما جي گهر وڃڻ جا حقدار ٿيون ٿا، جيئن گورو صاحب پنهنجي باڻيءَ ۾ فرمايو آهي:

"ستگر و ڪئي جنمي گڏون متا."

هڪ ٻئي هنڌ ۾ حضرت عيسيٰ فرمائين ٿا:

"Now ye are clean through the word which I have spoken unto you." (John 15:3)

يعني هون جو هاڻي اوهانکي شبد سان جوڙيو آهي تنهنڪري توهين گناهن کان آجا ٿي چڪا آهيو. اهو مالڪ خود مختيار آهي. هو جيڪو چاهي پنهنجي مرضي جو طور طريقو ڪري سگهي ٿو. ان ۾ ڪنهنجو ڪو دخل ناهي. جا ڪٿي پرماتما کي منظور آهي اها شبد يا نام جي ڪمائي

آهي . گرو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

”بن نامي هرِ پوج نہ هوئي پرم پاي اوڪائي .“

يعني نہ دليا فضول پرمن ۾ پاڇي هئن چوراسيءَ جي چڪاڻي ۾ پيئي ڦري . اُن نام ڪانسواءِ مڪتي حاصل ڪرڻ جو ڪو رستو ئي ڪونهي . گرو صاحب اڳتي سمجهائين ٿا:

”نام وسار چلي ان مارگ ، انت ڪال پڇتائي هو .“

يعني نام جي ڪمائي ڪرڻ جو رستو ڇڏي جيڪڏهن اسين ڪنهن ٻئي رستي تي هلڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا تہ انت وقت پڇتائڻو پوندو ڇاڪاڻ تہ پنهنجو قيمتي وقت اجايو فضول ڳالهين ۾ وڃايو سين . وري اڳتي سمجهائين ٿا:

”بن نامي درگه نہ ناهين ٺان جم ڪري خواري .“

يعني شبد يا نام جي ڪمائيءَ کانسواءِ مالڪ جي درگاهه ۾ وڃڻ جي ڪڏهن بہ اجازت نٿي ملي . جمدوتن جي هٿان خراب خوار ٿيڻو پوي ٿو . اهائي ڳالهہ سوامي جي مهاراج جن فرمائين ٿا:

”گرو ڪهين ڪول ڪر پائي ، لگ شبد اناحد جائي ،
بن شبد اپاو نہ دوجا ، ڪايا ڪا ڇٽي نہ ڪرجا .“

يعني شبد يا نام جي ڪمائيءَ کانسواءِ ٻيو ڪو بہ اپاءُ يا طريقو ڪونهي جنهن سان اسين ڏک جي ٻنڌن کان ڇوٽڪارو پائي سگهون . باقي جيڪي بہ سادن آهن جهڙوڪ جپ تپ ، پوجا پاٺ ، دان پنج وغيره انهن سڀني جو ڦل اسانکي ضرور ملندو آهي پر انهن جي ڦل وٺڻ لاءِ اسانکي وري بہ ڏک جي ٻنڌن ۾ اچڻو پوي ٿو . راجا مهاراجا ٿي پيدا سين ، سيٺ شاهوڪار ٿي پيدا سين ، قومن ، مذهبن ۽ ملڪن جي حڪومت حاصل ڪري پيدا سين . وڏ ۾ وڏ ويڪنٺ ۽ سرڳ تائين پهچي وڃون سين . پر آهي بہ پوڻ جو ڦيرو آهن ۽ انهن

جو نه معياري آهي. ان ڪاڻ اسانکي وري اهو جوراسي جي چڪر ۾ اچڻو پوي ٿو. ليڪن نام جي ڪمائي اسانکي هميشه لاءِ دنيا جي ٻنڌڻن کان آزاد ڪري ڇڏي ٿي.
گرو نانڪ صاحب سمجهائين ٿا:

"سچون اري سڀ ڪو، اوپر سچ آچار."

مطلب ته اتي سمجهائين ٿا جو ڦل شبد جي ڪمائيءَ جي ڦل کان گهٽ آهي ڇاڪاڻ ته اسين ڪال جي دائري اندر ئي رهون ٿا. شبد جي ڪمائيءَ جو ڦل سڀ کان وڌيڪ آهي. اهو اسان کي ڪال جي دائري کان ٻاهر وٺي وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته اها ئي چيز اسانکي مَن ۽ مايا جي دائري کان ٻاهر وٺي وڃي سگهي ٿي جامن ۽ مايا جي دائري کان مٿاهين اهڙي هجي. اهو شبد سچکنڊ کان اچي ٿو. ڪال جي حد ٻرهم ۽ ٽرلوڪيءَ تائين آهي. تنهنڪري اسين شبد کي پڪڙي ڪال جي دائري کان ٻاهر نڪري وڃون ٿا.

سوامي جي مهاراج جن فرمائين ٿا:

شبد ڪمائي ڪر اي ميت شبد پرتاپ ڪال ڪو جيت.
شبد گيان لون گهٽ ۾ ديکه شبد هي شبد پيو ڪر پيکه.
شبد ڪرم کي ريکه مٽاوي شبد شبد سي جاءِ ملاوي.
شبد بنا سڀ جيونا گيو شبد بنا سڀ ڀولنا ڌيان.
شبد ڇوڙ مت اوڙي اجان راڌا سوامي ڪهين بکان.

گرو نانڪ صاحب ته اتين ئي چون ٿا:

"هر نامي الا ته جئي سڀ دلي لوڪ وجائي."

ته نام چڱيءَ طرح اجرو ڪري ڏنو آهي ته ڪابه چيز نام جي مقابلو نه ٿي ڪري سگهي.

[illegible] صاحب وري ٿي حد لکن ٿا:—

"[illegible] پچر ٻرهم کي ٽولي ٻولڻهار،
هڪي امرت پيئي آدي نان اڪوار."

اسان جي آتما طوطو آهي ۽ هي شرير هڪ پڃرو آهي
جهڙي طرح طوطو پڃري سان پيار لڳائي قسمين قسمين
ٻوليون ٻوليندو آهي اهڙي طرح اسان جي آتما به هن شرير
سان پيار لڳائي ويٺي آهي. اُن اندر ويهي ڪڏهن روئي
ٿي، ڪڏهن کلي ٿي ۽ ڪڏهن سک ته ڪڏهن ڏک
محسوس ڪري ٿي. جيڪڏهن اسانجي آتما هن شرير جو
پيار ڇڏي ڏئي ۽ اُن جي اندر پرماتما جيڪو سچ يا شبد
جو روپ رکيو آهي اهو ڪائڻ لڳي ۽ اُن شبد روپي امرت
کي پيئڻ شروع ڪري ته هيءَ هميشه واسطي هن دنيا جي
بندنن کان آزاد ٿي پوي. گورو نانڪ صاحب هڪ تمام
سٺو مثال ڏيئي سمجهائين ٿا:—

"آلڪ ڪرم ڪيئي ٿهري جو ڪيجي سو بندن پيري.
ڪرتا بيج بيجي نهين جمي سب لاها مول گنوائيندا.
ڪاجگ ۾ ڪيرتن پرڌانا گورمک جپيئي لائي ڌيانا.
آپ تري سگلي ڪل تاري هر درگهه پت سئن جائيندا"

نام جي ڪمائيءَ کانسواءِ اسان جيڪي به ساڌن يا طريقا
مڪتي پائڻ لاءِ اختيار ڪريون ٿا، اهي اسانکي پاڻ وڌيڪ
دنيا جي بندنن ۾ ڦاسائين ٿا. جيڪڏهن اسين زمين ۾ ٻي
مدائتو ٻج پوکيون، چاهي اسين اُن زمين ۾ ڪيترو به هر
هلايون ۽ کيڙون ۽ سٺو پاڻ وجهون ۽ پاڻي وغيره ۽ وقت
سر ڏيون تڏهن به اهو فصل ڪڏهن نه اٿي سگهندو.
اسانجي سموري محنت، ٻج ۽ خرچ اجايا وڃن ٿا. اهڙي
طرح ڪاجڳ ۾ اچي جو مڪتي حاصل ڪرڻ جو اپاءِ ٻج
آهي اهو شبد يا نام جي ڪمائي آهي، جنهنکي پوري پوري
جاڻ صرف پوري ستگوروءَ کان ملي سگهي ٿي.
سوامي جي مهاراج جن به لکن ٿا:
"ڪاجگ ڪرم ڌرم نهين ڪوئي - نام بنا اڌار نه هوئي"

گرو نانڪ صاحب به فرمائين ٿا:—

گرو [illegible] ٻوهٿا گرو مڪت پار لنگهائي."

"ڪلجگ رام نام ... ستو، ستر بشت ۾

ڪلجگ ۾ انهي جڳ [illegible] سڀني ۾ ... ڪمائي آهي.

... بشت ڪرم آهي ته انهو [illegible] نام جي ... طرح

ليڪ انهي ڪي گرو نانڪ صاحب جن ايا ۽ [illegible]

سمجهائين ٿا.

"اس جڳ ڪا ڌرم [illegible] نام ٻاڻي،

سڀ سوجهي ٻاڻي،

پوري گرو

نام سڪائي."

انهي آڳي هرنام سڪائي رهيا آهن ؛

يعني چار جڳ هڪ انهي بنيان چڪر لڳائي رهيا آهن، ...

هر هڪ جڳ ۾ انسان جي زندگيءَ جو حالتون بلڪل نراليون

هوندڙيون آهن. ستجڳ ۾ انسان جي عمر لام وڏي هئي. انسان

جي [illegible] دنيا ۾ ۽ انسان جو خيال ماڻي ڦاٻايل

ته هو. [illegible] انسان جو خيال مالڪ جي لاٽيءَ طرف

رجوع ليندو [illegible] جڳ بدلبا ويا تئين تئين انسان جي

عمر ۽ گهٽجي ويئي ۽ [illegible] ڪمزور ٿيندي ويئي ۽ خيال

۾ دنيا اندر وڏيڪ ڦاسندو ويو. لهيڪري مالڪ جي لاٽيءَ

الهڻڪي سان [illegible] جڳ ۾ ڪم ڏنهدا هئا سي

هيڻو ڪلجڳ ۾ [illegible] ڪلجڳ ۾ ته هر ڪنهن جو

اعولي آزمودو آهي [illegible] انسان [illegible]

سال جيئرو رهي [illegible] ڪمزور آهي جو ڏکي

ڪالڪ ڏئي ۾ [illegible] آهي جو [illegible] لڳائي ويٺي

[illegible] ته ٿيڙو آهي جو بيچ

سگهون ۽ [illegible] طرح

[illegible] جيڪڏهن اسين

[illegible] گرو [illegible] سان ڪنارو

[illegible] زندگيءَ جا ڏينهن سڪ ۽ شانتيءَ سان ڪنارو

چاهيون ٿا ۽ واپس وڃي پرماتما سان ملڻ چاهيون ٿا ته اسان
لاءِ صرف نام جي ڪمائيءَ جو رستو ئي کليل آهي. ڪاڄڪلهه
۾ اڃي مهاتمائن ڏاڍو ڪولي نام جو پرچار ڪيو آهي. اسانجو
من اسانکي اُن شبد يا نام جي ڪمائيءَ طرف وڃڻ ئي ڪونه
ٿو ڏئي. بلڪ هميشه پوڄا پاٺ، جپ تپ، دان پن وغيره
۾ ئي ڦاسائي رکي ٿو. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

"پوڄا ڪري سڀ لوڪ سنتو، من مک ٿاتي نه پائي،
شبد مري مسن نرمل سنتو، ايهه پوڄا ٿائي پائي."

يعني اسين دنيا جا جيو پنهنجي پنهنجي عقل موجب اُن
پرماتما جي ڀڳتي ڪرڻ جي ڪوشش برابر ڪريون ٿا ڇاڪاڻ
ته اسانجي آتما جو لاڙو پنهنجي اصل يعني پرماتما طرف زور
لڳائي ٿو. اُن اثر هيٺ اچي اسين پرماتما کي ڳولهيون ٿا
ليڪن من جي چوڻ موجب ڀڳتي ڪريون ٿا. اها ڀڳتي
اسانکي ڪڏهن پنهنجي ٺڪاڻي تي نه پهچائيندي. اسانجو
ٺڪاڻو سچکنڊ آهي ۽ من جي حد برهم ديس تائين پوري
ٿي وڃي ٿي. شبد يا نام جي ڪمائي ڪرڻ سان ئي اسانجو
من نرمل ٿئي ٿو ۽ اها نام جي ڪمائي ئي اسانکي پنهنجي
اصلي ٺڪاڻي يعني اصلي گهر سچکنڊ ۾ پهچائي ٿي. هرڪا
ڀڳتي اسانکي پرماتما سان نه ٿي ملائي صرف نام جي ڪمائي
ئي مالڪ تائين پهچائي ٿي. سوامي جي مهاراج جن فرمائين ٿا:

"اب يهه ديهه ملي ڪرپا سي، ڪرو ڀڳتي جو ڪرم دها."

يعني هيءَ منش ديهه مالڪ جي وڏي بخشش سان ملي
آهي. ان انساني جامي ۾ واهي اها ڀڳتي ڪريون جا صرف
شبد يا نام جي ڪمائي آهي ۽ جنهن سان ڪرمن جو سلسلو
ختم ٿئي ٿو. گورو نانڪ صاحب سمجهائين ٿا:

"پوڄا ڪري پر ٿا لهين جائي، دوجي پائي مل لائي."

يعني اسانکي اصلي ڀڳتي ڪرڻ جي طريقي جي خبر ئي

ڪنول لي لوڙي ۽ ڳاڙها رنگي لاءِ هاڻي ڀڄڻا ڀانءِ ۽ ڪ
وڻائي وڃڻا اچن ٿا. اهائي ڳالهه حضرت عيسيٰ بائبل
۾ آهي:

" Ye Worship ye know not what"

توهان انهيءَ جي پوڄا ڪريو ٿا جنهن جي لاءِ
سڃاڻو نٿا.

سوامي جي مهاراج جن به اهڙي طرح سمجهائين ٿا:
"گرڪت ڌرم پڪڙ ڪر جو ڀڄي، پوڄي نه شبد جڳت پار
پسانسي مٿي ڏانهن ڪيچ اسان، ڪير مٿي آلس پسارا
ڀڳو ايڪ ڪوڙ مٿي ڪيا ڪيا، ٻاهر ڀرمي پسو جارا
انتر مک جو شبد ڪماني، تا جي من ڪو لوڀين ڪسارا."

ٻيڪر ملڪ جي ڀڪتيءَ جو اصلي طريقو آهي يعني شبد
جي ڪمائي، اهي پڪڙڻ جي نه اسين ڪوشش ئي ڪرڻ
نا ڪريون. سدائين ٻاهر ئي ٻاهر رهون ۽ رواجن ۾ ئي ڦاٿل
رهون ٿا ۽ ڪرم ڪانڊ ۾ ئي الجهيل رهون ٿا انهيءَ ڪرم
ڪانڊ کي سوامي جي مهاراج جن گرڪت ڌرم ڪري سمجهائين
ٿا. اسين چاڪي کي پڪڙي وٺا آهيون جو سار وستوءَ کي
ڳولها ئي ڪرڻ نٿا ڪريون. مثال ڏيئي سمجهائين ٿا ته اسان
سڄي عمر پاڻي لي ولوڙيندا رهون ٿا جنهن مان ڪجهه به
حاصل نه ٿيندو. پر جڏهن کير کي ولوڙينداسين ته ان مان مکڻ
نڪرندو. ٿيڪري سمجهائين ٿا ته ٻيهجي من کي ان شبد
سان جوڙڻ گهرجي. ان سان ملي ئي اساجو من نرمل ۽ پوتر
ٿي سگهي ٿو. گرو نانڪ صاحب سمجهائين ٿا:

"شبد وسار تنا لور له نار،
اڌمي ٻولي جان سڄي گور ڪان.
هلس پلس لبي دوري ڏوالي،
دکسي ڏاکس وهساو لپيسان."

يعني تہ جيڪي شخص شبد يا نام جي ڪوچ لتا ڪن
ڪي تہ هن دنيا ۾ ڪٿي ٺڪاڻو آهي ۽ نہ ايءَ دنيا ۾
ٺڪاڻو ملي سگهندو. جهڙي طرح ڪنهن خالي گهر ۾
ڪانءُ ڪٿي سڄو ڏينهن پيو لڇي ٿيئي پر اُنکي ڪاٿي لاءِ
۾ نہ ملندو. اهڙي طرح اسين هن چوراسيءَ جي جياخاني
پيا ڦرون. اهڙا شخص جي شبد يا نام جي ڪوچ لتا ڪن
پنهنجو دان ۽ دنيا اُٿي گنوائين ٿا. حضرت عيسيٰ بہ
يا نام جي مهما لئي اهميت ٻڌائين ٿا:

"Whosoever speaketh against the Holy Ghost, it
all not be forgiven him, neither in this world. neither
n the world to come." (Matthew 12 : 3 : 2)

يعني جي شخص اُن ڪان مک موڙن ٿا ۽ شبد جي
ڪن ٿا اُنهنجو گناهہ نہ هن دنيا ۾ معاف ٿي سگهندو ۽ نہ ايءَ
دنيا ۾. پاڪائڻ نہ رام جي ڪمائي ڪري ٿي اسين جي
جنمانترن جي ڏاڍن جي ٻڌن ڪان ڇوٽڪارو پائي واپس
وڃي پرماتما سان ملي سگهون ٿا. ڪيترا مهاتما سمجهائين
ٿا تہ اُن نام جي بخشش کي پنهنجي اندر ئي هضم ڪرڻ
گهرجي. ڪوڏن والگر ڪڙڪائڻ نہ گهرجي. اسانکي نام جي
ڪمائي وڌائي حاصل ڪرڻ لاءِ نہ ڪرڻي آهي.
رڌي سڌي، جپ تپ، پوجا پاٺ، دان پن وغيرہ
الهن سيڌي جو جيڪو ڦل آهي سو سڀ شبد يا نام جي
ڪمائيءَ ۾ اچي وڃي ٿو. جيئن تہ چوندا آهن تہ "هاٿيءَ جي
پير ۾ سڀ جو پير." جڏهن وقت اسان جي زبان ئي راس
ڏينهن اُن پرماتما جو نام چڙهيل آهي يعني اسين اُن مالڪ
جي نام جي سمرن ۾ لڳل آهيون تہ اُن ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو
...ب ڏيندو؟ جڏهن وقت اسين پنهنجو پاڻ کي اُن مالڪ جي
...والي ڪرون ٿا ۽ اُن جي رضا ۾ راضي آهيون تہ اُن ڪان

وڌي ٿي ڪيڙي نموني ٿيندي؟ وري جنهن وقت پنهنجي اندر راحت ڏيندڙ الحمد ڳالهه ٻڌون ٿا ته اُن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ڀاڳ ٿيندو؟ جڏهن سڪورن جهڙي سروپ جو ڏان راهه ڏيندڙ پيار سان ڪريون ٿا ته ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي پوڄا ٿي سگهي ٿي؟ جنهن وقت اُن نام روپي امرت کي پي انسان جو من دنيا کان اداس ٿي پوي ٿو ته ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ويراڳ ٿي سگهي ٿو؟ نه گهر ٻار ڇڏڻ جي ضرورت آهي ۽ نه ٻارن ٻچن کي ڇڏڻ جي ضرورت آهي بلڪ پنهنجي اندر ئي گورمکن جي ذريعي شبد يا نام جي لذت حاصل ڪرڻي آهي. نام جي ڪمائي مالڪ جي بخشش حاصل ڪرڻ لاءِ ڪرڻي آهي. جيترو به اسين ان مالڪ جي بخشش کي پنهنجي اندر هضم ڪنداسين اوترو ئي اهو مالڪ اسان تي وڌيڪ بخشش ۽ مهر ڪندو. ڪبير صاحب فرمائين ٿا:

”نام رتن ڌن پاءِ ڪر، ڳانٺي ٻانڌ نه کول،
نهين پن نهين پارکي، نهين گاهڪ نهين مول.“

يعني نه اها نام روپي دولت حاصل ڪري ان کي اندر اندر ئي لڪائي رکو جو اُنجي ٻاهر خوشبوءِ به نه اچي ڇاڪاڻ ته نه دنيا ۾ اُن جو ڪوئي اڌڪاري آهي نه ڪنهن کي ڪوئي ڪڙي جي پرکڻ ئي آهي ۽ نه وري ڪو اُن جو خريدار ئي آهي. (دنيا جا ماڻهو نه ته ان پن جا گراهڪ آهن، ڌن دولت جا خواهشمند آهن) ۽ نه وري ڪو انجي قيمت ڏيڻ لاءِ تيار آهي. اُنجي قيمت ڪيڙي ڏيڻي پوندي آهي؟ پنهنجو پاڻ مالڪ جي حوالي ڪرڻ. يعني نه جنهن به حالت ۾ اهو مالڪ رکي اُن حالت ۾ ئي راضي رهي نام جي ڪمائي ڪرڻي آهي. ڪبير صاحب ٻئي هنڌ به سمجهائين ٿا:

”سڀي رسائڻ هم ڪري، نهين نام سم ڪوءِ
رنچڪ گهٽ ۾ سنچري، ڪنچن سڀ تن هوءِ“

فرمائين ٿا ته انسان دنيا جي هر قسم جي رسائن کي
آهي، پر نام جي برابر ڪا به رسائڻ ڪانه آهي. ان جي
رلي ته جيڪڏهن شراب ۾ پرگهٽ ٿي پوي ته اساجو شرا
ٿي پوي. اهڙي ته هن مالڪ جيم ولنا جو مقصد پورو
وڃي. اهڙي طرح گورو نانڪ صاحب سمجهائين ٿا:—

„پارکيا وڏان سنڀال ائين گورو سوجهي هوئي،
نام پدارٿ امل سا گورومک پاوي ڪوئي"

جن کي هن چيز جي پرک ۽ قدر آهي، اهي انکي ڏ
سيالي سيالي رکندا آهن ۽ اهو قدر ۽ گورمکن جي صحبت
سنگت ڪرڻ سان اڀندو آهي. جيڪڏهين اسانکي ڪ
قيمتي هيرو هٿ لڳندو آهي ته اسين ان کي ڪپڙي ۾ ولهي
سيالي سيالي لڪائي رکندا آهيون. ڪوشش ۾ وڌيڪ مضبو
پيتين ۾ بند ڪري رکندا آهيون. انجي چاٻي هميشه چالي
سان لڳائي رکندا آهيون. پنهنجي ذال ۽ ٻارن کي به خبر
ته نٿا ڏيندا آهيون ته متان اهي گم نه ڪري ڇڏين. اهو هيرو
ته هڪ معمولي دنيا جي چيز آهي جنهنجي قيمت وري به
ڪٿي سگهون ٿا. پر اهو نام جنهن جي اسين قيمت ڪٿي
ني نه ٿا سگهون، جنهنکي مهاتما انمول ۽ امولڪ سڏين ٿا،
جنهنکي پائي اسين خود مالڪ پاڻ جي پئون ٿا، انجي ڪيتري
خيال ڪرڻ گهرجي انجو اندازو خود اوهين لڳائي سگهو ٿا.
حضرت عيسىٰ نه بائيبل ۾ فرمائين ٿا ته الهي دولت
گراهڪ عام ڪونهن. اهي وڏي قيمت وارا يعني بي بها
ي ڪنن ۽ سوئرن اڳيان نه اڇليو. اهي ان جو قدر نه
ي سگهندا.

سوامي جي مهاراج جن فرمائين ٿا:—
ت پرليت گورو کي ڪرنا نام رسائن گهٽ ۾ ڌرنا."
هڙي طرح رسائن اساڄي جسم ۽ وڃي جسم جي

سيني بيمارين کي دور ڪري ٿي؛ اهڙي طرح اسانکي اسار
پنهنجي اندر ساڳئي رکيل آهي ۽ مشهور ڪرڻو آهي. اسانکي
نام جي ڪمائي هميشه مالڪ جو ڳراهڪ بڻجي ڪري آهي،
مالڪ جي ملڻ واسطي ڪرڻي آهي ۽ لکين ڀيرا انهن جي
پيار حاصل ڪرڻ لاءِ يا دنيا جي حڪومت ڪرڻ لاءِ ڪرڻي
آهي. جيترو مالڪ جو سچو عشق ۽ پيار دل ۾ ڌاري ان
مالڪ کي چاهينداسين اوترو ئي هو پنهنجي دَيا ۽ بخشش
اساني ڪندو. جهڙي طرح پپيهو سوانتي بوند لاءِ برسات
جي پاڻيءَ لاءِ لڇندو آهي. ڏينهن رات انجي ئي رٽ لڳل
هوندي اٿس، اهڙي طرح اسانجي اندر ۾ مالڪ جي ملڻ
جي ۽ درشن ڪرڻ جي لڇ هئڻ گهرجي. اسانکي ان خيال
سان مالڪ جي ڀڳتي نه ڪرڻ گهرجي ته جي ائين نه ڪنداسين
ته اسانجي ڪاروبار ۾ گهاٽو پئجي ويندو يا ڌن دولت
گهٽجي ويندي يا دنيا ۾ عزت مان هليو ويندو يا ٻئي
ڪنهن قسم جو دنيوي نقصان ٿيندو. اهو مالڪ جي ڀڳتي
ڪرڻ جو ڪو اُتم طريقو ناهي. اسين مالڪ جي ڀڳتي
انڪري ڪيون ته جيئن اسانجي اندر مالڪ سان ملڻ جو
سچو عشق ۽ سچو پيار پيدا ٿئي. دنيوي فائدن لاءِ مالڪ
جي ڀڳتي ڪرڻ ائين آهي جيئن ماڻهو اڪثر ناڳ جي پوڄا
ڪندا آهن. اُهي ناڳ جي ڀڳتي ان ڪري ڪونه ڪندا
آهن ته ڪو اُنهن جو ناڳن سان پيار هوندو آهي پر اُهي ته
ناڳ جي ڏنگ ۽ زهر کان بچڻ لاءِ ئي ناڳ جي ڀڳتي
ڪندا آهن. حقيقت ۾ ته ڌرم يا مذهب جو بنياد پيار
آهي ۽ نه ڪو ڊپ. تنهنڪري پنهنجي اندر مالڪ جو سچو
عشق ۽ سچو پيار پيدا ڪرڻو آهي.

سمساري اڇائون

ٽالسي صاحب فرمائين ٿا:

دل کا حجره صاف کر، جانان کي آني ...

ذيان غيرون کا الا، اس کي بنائي کي ...

يعني فرمائين ٿا ته اساڻي دل کي دنيا جي پس...
شڪلين لاءِ ٿي پاڪ ڪي ۽ ملڻا ٿا چاهيون مالڪ کي. اه...
ڳالهيون ڪيئن ٿي سگهنديون؟ من ۾ دک لي آهي.
چاهي دنيا جي پيار ۾ لڳاڻون يا مالڪ جي پڪڙي ڪر...
جي دنيا ۾ اساڻو ڪو معمولي رشتيدار يا پيارو ڪٿي...
ڪان دور هليو ويندو آهي ۽ اساڪان وڇڙي ويندو آ...
ته انجي ياد ۾ اسان ڪيئن نه تڙپندا آهيون. سڄي ر...
لهه نه ايندي آهي. اسان جي اکين مان آلسون بيا وهندا آه...
اسان ڪڏهن ان مالڪ جي وڇوڙي ۾ هڪ راس ۾ جاڳندي...
۽ تڙپندي گذاري آهي يا ان مالڪ جي ياد ۾ ڪڏهن اکين...
مان هڪ ڳوڙهو به ڳاڙيو آهي؟ اسين پنهنجي ٻار کي جڏهن...
آيا سان ٻاهر راند روند لاءِ موڪليون ٿا، آيا ٻار جي دل...
...ونڻ لاءِ هر قسم جي ڪوشش ڪري ٿي. ڪڏهن هن کي...
...مليون مليون ڳالهيون ۽ آکاڻيون ٻڌائي ٿي ۽ ڪڏهن منائي...
...غيره ڏيئي پرچائيس ٿي، پر ٻنهي هوندي ٻ جيڪڏهن...
... ماءُ پيءُ واسطي رونڻ شروع ڪري ٿو ۽ آيا جي ڪهن...
...ڳالهه سان اتور اڃهي نه پوءِ ماءُ پيءُ ۾ هدجو رونڻ سهي نٿا...
...ن ۽ فوراً وڃي ٻار کي ڇاتيءَ سان لڳائين ٿا. اهڙي...
... جيستائين اسين ان مالڪ جي رچنا سان موهه ۽ پيار پائي...
... آهيون ۽ پنهنجي مَن کي هن دنيا ۾ لڳائي ويٺا...
... تيستائين اسين هتي ئي هن رچنا جو ئي حصو ٿيڪي...
...هيون. جڏهن انهيءَ رچنا يعني دنيا جي پدارٿن ۽

ا

ڪائين مان پنهنجو پيار ڪندي جود اُن مالڪ سان سچو پيار
ڪرڻون ٿا ته مالڪ به اسان لي بخشش ڪري پاڻ سان
ملائي ڇڏي ٿو. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:
”هرڪا ڳالهه سولي ٿائي رلن پيار.“
يعني جيڪي مالڪ جا گراهڪ يا پيارا ٿيڻ جي هنجي ڀڳتي
ڪن ٿا اهي مالڪ کي پائين ٿا. ليڪن اسانکي دنيا
جون خواهشون ۽ ترشنائون ڇڏي مالڪ جي ڀڳتي ڪرڻي
آهي. پلٽو صاحب سمجهائين ٿا:
”نام نام سب ڪهت هئ، نام نه پايا ڪوءِ،
نام نه پايا ڪوءِ، نام کي گت هئ نياري،
وهي شخص ڪو ملي جهون لي آسا ماري.“
يعني نام روپي دولت يا ڌن پاڻ اندر وسان ناهي جنهن
ماڻهو سمجهن ٿا. اهي ئي شخص حاصل ڪري سگهندا جي
پنهنجي اندر مان خواهشون ۽ ترشنائون ڪڍي ڇڏيندا.
تلسي صاحب ايئن سمجهائين ٿا:
”ايڪ دل لاکون تمنا، اس پر اور زياده هوس،
پر ٺڪانا هئ ڪهان، اس کي بنائي کي ليئي.“
يعني ته اسانجو من هڪ آهي پر اُن ۾ هزارين ۽ لکين
خواهشون ڏينهن رات ڪري رهيا آهيون. هڪڙيون
خواهشون ۽ ترشنائون پوريون ٿي ڪونه ٿيون ته من
نيون خواهشون ڪرڻ شروع ڪري ٿو. جا خواهش اسانجي
پوري نٿي ٿئي اها اسان لاءِ دک جو ڪارڻ ٿيندي آهي.
جي اسان جي من جي اهڙي حالت آهي ته پرماتما اسانجي
اندر پرگهٽ ڪيئن ٿي سگهندو؟ گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:
”ڏيندا ڏي ليندي ٿڪ پاءِ، جڳا جگنتر کاهي کاءِ.“
يعني ته پرماتما ڏيندي ڏيندي ڪڏهن نه ٿڪجو آهي.
اسين دنيا جا جيو وٺندي وٺندي ٿڪجي پئون ٿا. جيڪي

جهڙيون خواهشون من ڪري ٿو، اهي پوريون ڪر
پرماتما اسانکي ٻيهر جنم ڏئي ٿو. وري اسين ٻيون خواه
۽ ترشنائون ڪريون ٿا ته پرماتما ٻيو جنم ڏئي ٿو
جوڻيون ۾ جنم ڏئي ٿو جئين وري اسين انهن خواهشن کي چڱ
طرح پورو ڪري سگهون. جڏهن وقت اسين خواهشن م
الڳ ٿي پرماتما کان پرماتما گهرون ٿا ته پوءِ پرماتما اسان
پاڻ سان ملائي ڇڏي ٿو. اهڙي سمجهائين ٿا:
"آسان پر بت جيتڙان، موت نماوان هيٺ"
يعني جيڪي اسان جون خواهشون ۽ ترشنائون آهن اهي
شايد هماليه پهاڙ کان به وڏيون آهن. جيڪڏهن پرماتما اسان
کي هزار ۽ هزار سال به عمر ڏئي ته شايد انهن خواهشن کي
اسين پورو نه ڪري سگهون. پر موت ته اسانجي پيرن اڳيان
بيٺو آهي. خبر ڪانهي ته حياتي ڪيترا ڏينهن آهي ۽ موت
ڪڏهن اچڻو آهي. سوامي جي مهاراج جن فرمائين ٿا:
"جيو سڀ لوڀ ۾ ٻُڏي، ڪال سي ڪوئي نهين بچيا،
ترشنا اگن جڳ جارا، ٻڙا سڀ جيو ڪو لپٽا.
نهين ڪوئي راهه بچڻي ڪي، جلين سڀ ترڪ ڪي اگنا.
جلينگي آڳ ۾ بس دن، ڦهر يوگين جنم مرنا،
پڙڪي وهي ڦران ڪالي، نهين ڪڇ نيڪ آن لگنا.
ڪهون ڪيا دک وهه پوگين، ڪهن ۾ آنهين سڪنا."
يعني اسان سڀ دنيا جا جيو لوڀ ۽ لالچ ۾ ڦاٿل آهيون
پنهنجي موت کي به ڀلجي ويٺا آهيون. انهيءَ هوسيءَ ۾
جي ڪيترن قسمن جا ڪرم ڪريون ٿا ۽ ڪيترن قسمن جون
واهشون ۽ ترشنائون پيدا ڪريون ٿا. پر اهي پوريون ٿي
ونه ٿيون ٿين. ترشنا جي باهه ۾ پيا جلون. موت ڪاٿوره
ڪن ۾ به جلڻو پوي ٿو. انهي ڪي خواهشون اسانکي چوراسيءَ
جياڻي ۾ ڪيرڻي آڻين ٿيون. جيڪي جيڪي دک ۽

مضمون اسانکي اُنهن جي ڳولهڻ ۽ ڀوڳڻ لاءِ اُنهن سڀ کان
ٿان ٻاهر آهي. انهيڪري مهاتما اسانکي سمجهائين ٿا ته من کي
هميشه مالڪ جي مرضيءَ مالڪ جي ڀاڻي ۾ اُنهي حڪم ۾ رکڻ
گهرجي. مالڪ جي ڀاڻي ۾ رهڻ جو مطلب آهي ته من ۾ ڪابه
خواهش يا ترشنا نه اُٿڻ گهرجي. جڏهن ته پرماتما خوشي اُهو
منهنجي قبول ڪرڻ گهرجي. سنت نامديو فرمائين ٿا:

”جو راڄ ديهه تسي ڪئون وڏائي،
جي ڀيک منگا هر اي ڪيا گهٽ جائي،
جي ٽهٽ بتسا هر لو داس لهاري،
گهاس بدا وهي ڪيتڪ ٻوال.“

يعني اي پرماتما! جي مونکي تون دنيا جو راڄ ۽ ڏيندين
ته به مان لهنجي ئي مهما ڳائيندس، لهنجي ئي ڀڪشا
ڪندس. پر جي مونکي در در جون ٺوڪرون کائائيون
پونديون ته به مان تو داتا جو دروازو ڪينءَ ڇڏيندس؟
جهڙي طرح ڪنهن سامونڊي جهاز جي پکيءَ کي اُن سامونڊي
جهاز کان سواءِ وهڻ لاءِ ٻيو هنڌ ئي ڪونهي، اهڙي طرح اسانجي
آتما کي به پرماتما کان سواءِ ٻيو ڪو به ٽڪاڻو ڪونهي. هاڻي
غور ڪرڻ جهڙي ڳالهه اها آهي ته اهي خواهشون ۽ ترشنائون
پيدا ڪير ٿو ڪري؟ اهي سڀ اسانجو من پيدا ڪري ٿو ۽
اسين پورا ڪنهن کان ڪرائڻ چاهيون ٿا؟ پرماتما کان. اسين
ڪڏهن به من کي سمجهائڻ جي ڪوشش نه ٿا ڪريون ته تون
مالڪ جي مرضيءَ مطابق هلڻ جي ڪوشش ڪر، اُن جي
حڪم ۾ موج ۾ رهه. اُلٽو اسين ڏينهن رات پرماتما کي سمجهائڻ
جي ڪوشش ڪريون ٿا ته تون اسان جي مرضيءَ مطابق هلڻ
جي ڪوشش ڪر. اوهين ئي ٻڌايو ته اسين ڀڳتي پرماتما جي
* يا من جي؟ سوامي جي مهاراج جن فرمائي

سمجهائين ٿا:

"گورو ميں من رهو لو ڌار، گورو بن سڀ جپ تپ هار
گورو جو ڪرپا سو هيٺ ڪر جان،
گورو جو ڪهين سو چت ڌر مان
گورو نانڪ صاحب به فرمائين ٿا:

"گورمک هووي سو بوجها جائي، پاتا من وسائي."

يعني گورمکن کي ئي مالڪ جي بوجها ۽ ڄاڻ جو بي معلوم آهي ڇاڪاڻ ته اهي مالڪ جي پاڻي ۾ رهي مالڪ جي ڪن ٿا. گورو نانڪ صاحب اڳتي فرمائين ٿا:

"پاڻي لي سڀ سک پائي سنتو، اتي نام سکائي."

يعني پاڻي ۾ ئي سک ۽ شانتي آهي ۽ آخر ۾ مالڪ اسان جي سڀاڻا ڪري ٿو. حضرت عيسيٰ به انهن ئي چون ٿا:

"Bacause I seek not mine own will, but the will of the Father, which hath sent me." (John 5 : 30)

يعني مان پنهنجي مرضي نه بلڪ پنهنجي موڪليندڙ جي مرضي چاهيان ٿو.

"The Son can do nothing of himself, but what he seeth the Father do." (John 5 : 19)

يعني پٽ پاڻا ڪجهه نٿو ڪري سگهي صرف اهو ئي ڪري ٿو جيڪي پتا کي ڪندو ڏسي ٿو.
گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

"جس کو ڪڇو نه چاهيئي، وهي شهنشاهه."

يعني جنهنکي ڪنهن به چيز جي ضرورت نه آهي ۽ هميشه مالڪ جي حڪم ۾ رهي ٿو ان کان وڏو ڪهڙو شهنشاهه ٿي سگهي ٿو؟

مسلمانن ۾ به ان قسمن جا فقير ٿيندا آهن. هڪڙا أهل دعا ۽ أهل رضا. أهل رضا جو درجو أهل دعا وارن کان گهڻو

اوچو آهي ڇاڪري مالڪ جي ڀالي ۽ رحم ڪري ئي اسانکي انهن جي ڪمائي ڪرڻي آهي.

منش جيون جو مقصد

پرماتما دنيا جي رچنا ڪري انکي چوراسي لک جونين ۾ ورهايو آهي. رشين منين انهن جو حساب هيٺين ريت ڪيو آهي:-

ويهه لک قسمن جا درخت ۽ ٻوٽا.
ستاويهه لک قسمن جا ڪيڙا ۽ ماڪوڙا.
چوڏهن لک قسمن جا پکي.

نو لک قسمن جا پاڻيءَ جا جيو ۽ باقي چئن لکن ۾ جن ڀوت، پريت، ديوي ديوتائون، انسان ۽ حيوان وغيره اچي وڃن ٿا.

اسين پنهنجي ڪرمن موجب انهيءَ چوراسيءَ جي جيلخاني ۾ ڦاٿل آهيون. اسانجي آتما، پرماتما کي ملي ڪري ئي انهيءَ چوراسيءَ جي جيلخاني مان نڪري سگهي ٿي. هي جڏهن پرماتما اسانکي انسان بخشيو آهي ته اسين مالڪ جي ڀڳتي ڪري هن جنم مرڻ جي چڪر مان ڇوٽڪارو پائي. جيڪڏهن انساني جونِ جو ڪو فائدو آهي ته اهو هي آهي ته هن جونِ ۾ ئي رهندي اسين مالڪ جي ڀڳتي ڪري هن سان ميلاپ ڪري سگهون ٿا.

گرو صاحب وري ديو سمجهائين ٿا:

لک چوراسي جونِ سبائي،
مانش ڪو پربهه دئي وڊيائي.
اس پوڙي سي جو نر چوڪي،
سو آئي جائي دک پائيدا."

يعني پرماتما انسان جي جونِ کي سڀ کان اوچو رکيو آهي

۽ مالڪ جنم ڏاڍا جو آخر ان ڏاڍو آهي. جي …
… ٿيندا آهن ۽ مالڪ سان ملي ويندا آهن. جڏهن پير ڪ…
۽ وري هيءَ وقت پورو ٿيو، جيڪي جياپاتي ۽ پو …
گرو ارجن ديو وري سمجهائين ٿا:

”ڪئي جنم ڪيٽ پتنگا،

ڪئي جنم گج مين ڪرنگا.

ڪئي جنم پکي سرپ هويو،

ڪئي جنم هيور برک جويو،

مل جگديش ملن ڪي بريا،

چرن ڪال ايهه ديهه سنجريا.“

… سمجهائين ٿا ته ڪيترائي جنم ڪيڙن ۽ پتنگن جا پاتاسين، ڪيئي جنم هاٿين، مڇين ۽ هرڻن جا مليا، ڪيئي جنم پکين ۽ نانگن جا ماڻيا ۽ ڪيترا جنم گهوڙن ۽ درختن جا … ڏاسين. هاڻي انساني جامو پرماتما نام گهٽي وقت ڪالپوءِ … جي پگهتي ڪرڻ لاءِ بخشيو آهي. اسانکي ان جو فائدو … وٺڻ گهرجي.

… لالا صاحب فرمائين ٿا:

”همچو سبزه بارها روئيده ام،

هفت دو هفتاد قالب ديده ام.“

… اِئي هند ۾ لکن ٿا:

”گاهي اخل در باغها، گاهي ثمر بر شاخها.“

… فرمائين ٿا ته ڪيترائي دفعا مان گاهه ۽ ٻوٽن وانگر … آهيان ۽ مون ستن قالب ڏٺا آهن. ڪڏهن باغ ۾ … ليو آهيان ۽ ڪڏهن درختن تي ڦل ٿيو آهيان ۽ … اي وات ۾ ويو آهيان.

… گري رشين منين هن منش ديهي ڪي لئر ناراڻي … ي ڳوليو آهي ۽ مسلمان فقير ان کي اشرف …

اهڙو واسطو ڪري سگهون ٿا. ٻيو ڏس جو مثال آهي ته اسانکي
پرماتما پنهنجي شڪل ۾ بڻايو آهي.
ڪبير صاحب به اهڙي سمجهائين ٿا:

"ڪبير مانس جنم دُرلڀ هي، ملي نه بار بار؛
جيئن بن ڦل پاڪي ڀونءِ ڳري، بهور نه لاڳي ڏار."

يعني جهڙي طرح وڻ مان ڦل پچي ڌرتيءَ تي ڪري
ٿو ته وري اهو واپس وڻ سان جڙي نه ٿو سگهي اهڙيءَ
طرح هي انساني جنم به جي اسان وڃائي ڇڏيو ته وري
اهڙو موقعو هٿ ڪو نه ايندو. سوامي جي مهاراج جن به
ساڳيو اپديش ڪن ٿا:

"ملي نر ديهه يهه نر ڪو، ٻالو ڪاج ڪڇ اپنا،
پهڙو مت آءِ اس جڳ ۾، جهاليو رين ڪا سپنا.
ديهه اور گرهه سب جهوٽا، پرم ۾ ڪامي ڪو کپنا."

سچي گرو فرمائين ٿا ته انساني جامو پرماتما اسان کي پنهنجو
ڪم ڪرڻ لاءِ بخشيو آهي. پنهنجو ڪم اهو آهي جو اسانکي
واپس ولي وڃي پرماتما سان ملائي ۽ اهو ڪم آهي پرماتما
جي ڀڳتي. هيءَ دنيا رات جي سپني مثل آهي. هن ۾
ڪابه اصليت ڪونهي ۽ انکي ڏسي ڀاڄڻ نه کپي. اسانجي
جائداد، ڌن دولت يا رشتيدار ناتي هي سڀ ڪجهه به موت وقت
اسانجو ساٿ ڇڏي ڏيندو ته ڇڪري سوامي جي مهاراج جن
سمجهائين ٿا ته هن قيمتي موقعي جو فائدو وٺو. ٻار ٻچا، دنيا
جو کاڻ پيڻ، عيش عشرت وغيره ته اسين اڳين جنمن ۾ به
ڪري آيا آهيون ۽ جيڪي ڪجهه هيٺ ڪري سگهون ٿا سو
صرف پرماتما جو ڀڄن آهي. جنهن مقصد لاءِ پرماتما اسان کي
هي موقعو بخشيو آهي ان کي ته اسين هن زندگيءَ ۾ ٻاڪل
ڀلجي ويٺا آهيون. وشين وڪارن، شرابن ڪبابن، ڪرمن،
[illegible] ۽ ملڪي جهڳڙن مان ۽ اندرين جي ڀوڳن مان ته اسان

کسي فرصت ئي ڪونہ ٿي ملي. اسين سمجه
"بابر بہ عيش ڪوش ڪہ عالم دوباره نيست." ي
هي انسان جو شرير وري هٿ نہ ملندو تنهنڪري هاڻ
عيش ڪري وٺون. اهڙي ڪري اسين هيءَ سونهري
حالت ۾ گذاري ڇڏيون ٿا. اسين اندرين جي پوڄا ۾ ا
غلطان رهون ٿا جو پنهنجو موت بہ ڀلجي وڃون ٿا. چاهي
ڏسندا بہ آهيون تہ اسانجا ڪيترا ساٿي هن دنيا مان ل
وڃن ٿا. اسين خود انهن کي شمشان پهچائي ۾ ڇڏي بہ
آهيون ۽ ڏسندا آهيون تہ ڪالهہ دنيا جي چيز انهن سان
لٽي وڃي پر اسين هميشہ انهن ۾ سمجهندا آهيون تہ مو
اسان لاءِ شايد نہ پر ٻين ماڻهن لاءِ آهي.
گورو نانڪ صاحب بہ اسانجي حالت ائين بيان ڪن ٿا:

"ڏلڏي ڏاوڻ جگ بالڏيا، تا بوجهي بيچار،
جمن مرن وسار اسا، مدمک مگد گنوار."

يعني اسين دنيا جا جيو هميشہ رات ڏينهن پيٽ جي
ڏلڏن ڀليان ٻڪندا رهون ٿا ۽ ان مقصد جي باري ۾ ڪڏهن
بہ سوچيون ڪونہ ٿا جنهن لاءِ مالڪ اسانکي هت موڪليو
آهي. اسانجي حالت اها آهي جو پنهنجي گهر کي نہ باهہ
لڳي پيئي آهي ۽ ذڪر ڪريون ٿا ٻين جي باهہ وسائڻ جو.
پنهنجو گهر لٽجي رهيو آهي ۽ چوڪيداري ڪري رهيا آهيون
ن جي گهرن جي. اسين پنهنجو ارجهو ڪٽي نہ ٿا سگهون نہ
ٻين جا ٻڪل لٽيا وٺنا آهيون، ٻين جو ٻار پيوئي رهيا آهيون
جو پاڻ کي بہ دوکو ڏيئي رهيا آهيون ۽ دنيا کي نہ
ي ۾ رکي وٺنا آهيون. اسين ڪهڙا نہ مورک، بيوقوف
وار آهيون جو پنهنجي موت کي بہ ڀلائي وٺنا آهيون.
جي مهاراج جن سمجهائين ٿا:

”ڪيئون ڪيا ڪمال جڳ مارا، ڄهو سڀ ڳڙهه ڦرهائي،
اهين ڪولي موت سي لڏ ڙلا، موٽ جهر ڪاهين اڻي.“

ساڳي ڳالهه ڪبير صاحب ۾ فرمائين ٿا:

”ڪيا لي ڪر جڳ ۾ آيو هئه، ڪيا لي ڪر چلي جاوگي،
مٺي باڌي ڪر جڳ ۾ آيو هئه، هات پساري جاوگي.
جيسي هئه ڪاغذ ڪي پڙيان، ٻوند پڙت ڳل جاوگي،
ڪهت ڪبير سنو ڀائي سادو، اڪ نام بنا پڇتاوگي.“

ائين به دنيا ۾ اسين خالي هٿين پيدا ٿيا سين ۽ خالي هٿين ئي دنيا مان لڏڻو پوندو. اڄ انسان لاءِ ڪا چيز ڪو ساٿ کڻي آيو آهي ۽ نه ڪو ڪجھ ساٿ کڻي ويندو. هي جو اسانجو شرير آهي اهو به ڪاٺ وانگر آهي. ڪاٺ کي گوڙو به ٻالي پوري نه ٿي وڃي. اهڙي طرح هي اسانجو شرير به موت جي وقت يا ته اگني يا مٽيءَ جي سپرد ڪيو آهي. جيڪڏهن مالڪ جي ڀڳتي نه ڪندا سين ته انت وقت پڇتائڻو پوندو. جي هن دنيا جي ڌن دولت ڪنهن سان ساٿ وڃي ها ته ڪندرا دنيا جا مالڪ اڳيئي ساٿ کڻي وڃن ها ۽ اسان لاءِ شايد ڪجهه نه بچي ها. اها ڌن دولت اسانکي لڏڻ مهل ڪيي آهي جو اها ڪنهن سان ساٿ نه وئي آهي.

محمود غزنويءَ هندستان تي سترهن ڪاهون ڪيون ۽ بيشمار سون، چاندي، هيرا جواهرات هتان لٽي کڻي ويو. اهڙي هٽ کري لاءِ هن ڪيترن غريبن جو خون ڪيو، ڪيترن ٻارن ڌي ڌارون ڪيون ۽ ڪيترا ٻار يتيم ٿيا، پر جڏهن هنجي موت جو وقت ويجهو آيو ته پنهنجي زبردستين کي حڪم ڪيائين ته جيڪي به ڌن دولت، مال اسباب، سون چاندي هيرا جواهرات هندستان مان لٽي کڻي آيو آهيان سي سڀ ڪڍي گنبوءَ ۾ سجائي رکو ته مان ڏسان. جڏهن وقت هن اهو سڀ لٽ جو سامان ڏٺو ته سرد آهه ڪڍي ويٺو ۽ روئي ڏنائين.

سوچيائين ته جڏهن دولت کي حاصل ڪرڻ لاءِ مون اهڙو ظلم ۽ اٽاچار ڪيو، اُن دولت مان اڄ مون سان ڪوڏي به ساڻ ڪونه ٿي هلي. حڪم ڪيائين ته موت کانپوءِ منهنجا ٻئي هٿ منهنجي ڪفن کان ٻاهر ڪيجو ته جئن ٻيا منهنجي زندگيءَ مان سبق سکن ته هتي جا سڀ پدارٿ فنا ۽ ناسوت آهن. جي موت وقت ساڻ ڪونه هلندا تن کي اسين ڪيترو نه پيار ٿا ڪريون ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪيترو نه ڀٽڪندا رهون ٿا! انهن دنيوي چيزن لاءِ ته جان به قربان ڪندا آهيون پر جا چيز اصل اسانجي پنهنجي آهي ۽ جنهن کي ئي سچ پچ پنهنجو سڏڻ گهرجي، ان جي باري ۾ ته ڪڏهن سوچيون به ڪونه ٿا. حضرت عيسيٰ به بائيبل ۾ ائين چون ٿا:

"Labor not for the meat which perisheth, but for that meat which endureth unto everlasting life, which the Son of man shall give unto you, For him hath God the father sealed.", (John 6 : 27)

يعني دنيا جي ناسوت پدارٿن لاءِ جفاڪشي نه ڪريو پر انهيءَ پدارٿن پراپت ڪرڻ لاءِ محنت ڪريو جو امر جيون بخشي ٿو ۽ جو توکي منش جي پٽ (ڪرائسٽ) وٽان ملندو ڇاڪاڻ جو هن جي پتا پرماتما ان تي پنهنجي مهر هڻي آهي. سوامي جي مهاراج جن به سمجهائين ٿا:

"پنڪ پنڪ ترد هئي پاني اندري من مل نهان مارا"

ڏاڍي مشڪل سان اسان کي مانش چولو مليو آهي پر ان جامي ۾ اچي اسين من جي تابع ٿي اندرين جي ڀوڳن ۾ ڦاسي پيا آهيون. اسانجو جيڪو به تعلق دنيا سان آهي اهو رڳو هن شرير ڪري آهي. جيترو عرصو هن شرير ۾ آهيون اوترو وقت هي سڀ يار دوست، مٽ مائٽ. ڀاءُ ڀيڻ ۽

دنيا جي ڌن دولت، ڦر ۽ ملڪ وغيره پنهنجا نالا اچي رهيا
آهن يا ڪيتري به ڪيتري انهن کي پنهنجي بچاءَ جي ڪوشش
نه پورو ڪرائون ٿا. پر جڏهن هي شرير ڇٽي وڃي ٿو نه
اسانجو هر هڪ چيز سان لڳاءُ ٽٽي وڃي ٿو. اسان کي جڳائي
نه جيستائين پرمالما هن شرير ۾ رهڻ جو موقعو ڏنو آهي
تيستائين هن شرير کان ڪم وٺون. ان ۾ رهي نه نه ڪوان
ديهه کي انترو دک ڏنو آهي جو مالڪ جي ڀڳتي لئي نه
ڪري سگهون ۽ لڪو ان کي انترو سک ۽ آرام ۾ رکيو آهي
جو اسان جو خيال رڳو عيش عشرت جي طرف لڳي رهي.
هن ديهه کان اعلي ڪم اهو وٺڻو آهي جو ان کان مالڪ جي
ڀڳتي ڪرائون. سوامي جي مهاراج جن فرمائن ٿا:—

"ڌام اپني چلو ڀائي، پرائي ديش ڪيون رهنا.
ڪام اپنا ڪرو جائي، پرائي ڪام نهين ڦسنا.
نام گرو کا سنڀالي چل، يهي هي دام گٿ بندنا.
جڳت کا رنگ سب ميلا، ڌالي مان يهه ڪهنا."

فرمائن ٿا نه هي اسانجو شرير ڪال جو پڃرو آهي،
ڪرائي جو مڪان آهي جو اڄي پوءِ ڇڏڻو آهي. جيترا جيترا
سواس مالڪ اسانکي بخشيا آهن اهي پورا ڪري هن ديهه
کي هميشه لئي ڇڏي ويندا سين. هي شرير ڪنهن سان به ساٿ
نه ويندو. وڏا وڏا راجائون مهاراجائون بادشاهه، سلطان،
دڪنيٽر جن کان دنيا ٿر ٿر ڏڪندي هئي، اڄ اسين انهن
جي قبرن کي ڪيڙين ۽ ڪيڙن جي لنار سان ڏسون ٿا!
سائين رئت مالڪو اسانجي قبرن کي اهڙيءَ طرح ڏسندا.
لوڪن جون هڏيون اسانجي پيرن هيٺان لتاڙجي ٿيون، ڪڏهن
ڏينهن اسانجون هڏيون ٻه ماڻهن جي پيرن هيٺان لتاڙبيون.
هينئر گذريل ماڻهن جي خاڪ اڏامي اسانجي اکين ۾ پوي
ٿي، اهڙي طرح ڪڏهن ڏينهن اسانجي خاڪ اڏامي ماڻهن جي

اکين ۾ ٻوندي. تنهن ڪري مهاتما اسانکي غفلت جي ننڊ
مان سجاڳ ٿا ڪن ته اهو وقت اوهان پنهنجي اکين اڳيان رکو
يعني ان وقت جو به وچار ڪريو جنهن وقت ڪا به چيز
اوهانجي مدد نه ڪندي. ماءُ پيءُ، ڀيڻ ڀائر، يار دوست،
سڀ موت جي وقت اسانجي چوڌاري ويٺا هوندا آهن پر ڪين
اِها به خبر نه ٿي پوي ته موت جو فرشتو ڪهڙي وقت ۽
ڪهڙي رستي کان اچي اسانکي پڪڙي وٺي وڃي ٿو. ان
وقت اسانجا رشتيدار ۽ يار دوست سواءِ روئڻ پٽڻ جي ٻيو
ڪري به ڇا ٿا سگهن ۽ اهي اسانجي ڪهڙي مدد ٿا ڪري
سگهن؟ انهن سڀني سان اسانجو لهڻي ڏيڻي جو ناتو ۽ سنبنڌ
آهي، مطلب جو پيار آهي. ڪو زال ته ڪو مڙس ٿي اچي ٿو ۽
ڪي ورڻي يار ٻچا. جيترو جيترو اسانجو هڪٻئي سان حساب
ڪتاب هوندو آهي ۽ اهو جڏهن پورو ٿي ويندو آهي ته
ڪڏهن اهي اسانکي ڇڏي ويندا آهن ته ڪڏهن اسين انهن
کي ڇڏي ويندا آهيون. جهڙي طرح ناٽڪ جي اسٽيج تي
هرهڪ پنهنجو پنهنجو پارٽ ادا ڪندو آهي، ڪوئي راجا
جو، ڪوئي راڻيءَ جو ته ڪوئي دشت جو. اهڙي طرح
هيءَ دنيا به هڪ وڏي اسٽيج آهي ۽ اسين سڀ دنيا جا
جيو هت پنهنجي پنهنجي ڪرمن انوسار پنهنجو پنهنجو پارٽ
ادا ڪري رهيا آهيون. حقيقت ۾ اسان جو ڪنهن سان ڪو
ـه رشتو يا سنبنڌ ڪونهي. جهڙي طرح ڊرامو ختم ٿيڻ تي،
سٽيج تان هٽڻ بعد نه ڪوئي راجا هوندو آهي، نه ڪا
اڻي هوندي آهي ۽ نه ڪوئي دشت هوندو آهي، ساڳي
رح هن شرير ڇڏڻ کانپوءِ اسانجو تعلق ڪنهن سان به نٿو
هي. جنهن وقت ڪنهنجو موت اچي ٿو ته ان جا رشتيدار
ي روئڻ پٽين ٿا پر اهو ساڳيو ئي پراڻي اُتي هنڌ جتي هو
ـم وٺي ٿو اتي ان جا مائٽ خوشيون ملهائڻ لڳا. هتي

جڏهن اسين ڪڏهن به انهن جي رشتيدارن کي بلڪل ڀلائي ويٺا آهيون جن واسطي اسين ڪڏهن پٽڪندا ۽ تڙپندا رهندا هئاسين ته هاڻوڪا رشتيدار اهي ڪيئن ياد رهندا؟ پوءِ ڇو هميشه انهن سان موهه پائي ويٺا آهيون؟ گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

"مات پتا مايا ديهه ڌن روڳي، روڳي ڪٽنب سنجوڳي."

يعني ماءُ پيءُ کي به اسان جو ساٿ ڇڏڻو آهي. جيڪي به اسين دنيا ۾ ڏسون ٿا تن مان ڪجهه به اسان سان ساڻ نه هلڻو آهي. اسان جا رشتيدار به روڳي يعني ناسولت آهن. انهيءَ قدر جو جنهن شرير ۾ اسين ويٺا آهيون ۽ جنهن کي ايترو پيار ڪريون ٿا ۽ جنهن کي سينگارڻ لاءِ ڇا ڇا نه ٿا ڪريون، اهو به هت ئي رهجي ويندو. سوامي جي مهاراج پڻ سمجهائين ٿا:

"ڌن دارا ست ناطي ڪٽنب، اي انهن آوي ڪام،
سانس دو دارا لت هي جاري، اڪ دن خالي چام،
مشڪ سمان جان يهه ديهي، يتي آئون جام."

يعني فرمائين ٿا ته ڪوبه رشتيدار موت وقت ڪم نه ايندو. جهڙيءَ طرح ڪنهن ٻلاءِ ۾ ڪيترو به پاڻي ڇو نه ڀريل هجي پر جي ان ۾ اڪائي ڪولي ڇڏبو ته سڄو ٻلاءِ خالي ٿي ويندو. اهڙيءَ طرح هيءُ اسان جو شرير سواس جو ڀنڊار آهي. جيستائين اسان جو ساهه هلي ٿو ته اسين ڪيئن نه هن دنيا ۾ ڊڪ ڊوڙ ڪري رهيا آهيون. دنيا ۾ پهچڻ جي پوٺ لاءِ ۽ ان کي خوش ڪرڻ لاءِ اسين ڇا نه ٿا ڪريون! پر اسين انهيءَ وقت کي وساري ويٺا آهيون، جنهن وقت هيءُ سواس جو ڀنڊار ختم ٿي ويندو. ماڻهو اسان جي موت تي ٿا روئن ۽ ٿيانشون ڪندا، مگر مالڪ ڪنا ٿي اسان جي هن شرير کي جنهن سان اسان جو ايترو پيار هو اڳي ئي باهه ۾ ساڙيندا

مٽيءَ ۾ دفنائيندا. هڪڙو ٻيو به سندر مثال ڏنائين سوامي
جي مهاراج جن سمجهائين ٿا ته جيترو وقت ڪا ڇوڪري جي مٿڪ
يعني بڪال پاڻيءَ لي لڙندي نظر ايندي آهي ته اسين انجي
آڌار لسي پاڻيءَ ۾ لڙون ٿا جيڪڏهن اُن مان هوا نڪري
وڃي ته پوءِ پاڻي ۾ ٻڏي ويندي ۽ جيڪو انجو آسرو وٺندو سو
به غوطا کائڻ لڳندو. اهڙي طرح جيترو وقت اسانجي شرير
۾ سواس جاري آهن ايسين دنيا جو ڪم ڪار به ڪريون ٿا
۽ ٻيا ماڻهو به اسانجو سهارو وٺي سگهن ٿا. پر جڏهين اُن مٿڪ
يعني شرير مان هوا نڪري وڃي ٿي ته جيڪي شخص اسان
جو سهارو وٺي وقت ڪاٽين ٿا اُهي به روئڻ پٽڻ شروع ڪن
ٿا ۽ گهٻرائجي وڃن ٿا. مهاتمائن جي سمجهائڻ جو صرف اهو
ئي مطلب آهي ته پنهنجو موت هميشه ياد رکو ۽ مرڻ کان اڳ
ئي پنهنجو روحاني سفر پورو ڪريو ۽ پنهنجي منزل مقصود
تي پهچي وڃو. سوامي جي مهاراج جن سمجهائين ٿا:

”ڪٽمب پريوار مطلب ڪا، ٻنا ڌن پاس نهين آئي.“

يعني جيڪي به اسان جا رشتيدار ۽ يار دوست آهن جن
جي موهه ۽ پيار ۾ ڦاسي اسين اُن مالڪ کي وساري ويٺا آهيون
۽ هن شرير ڌارڻ ڪرڻ جو مقصد ۽ مطلب ئي ڀلائجي ويٺا آهيون،
اهي سڀ رشتيدار مطلب جا آهن. جي اسان وٽ ڌن دولت
ناهي ته اسانکي پنهنجا مائٽ به ڇڏي ڏين ٿا.

نمرتا

تنهڪري هر هڪ مهاتما اسانکي اهوئي اپديش ڪري
ته هن انساني جوڻ ۾ پنهنجي دل اندر مالڪ جي کوج ڪريو.
اسين هن شرير ۾ مالڪ کي ڳولهڻ بجاءِ اُلٽو ان ديهه جي غرور
۽ اهنڪار ۾ ڦاسي وڃون ٿا. ذرا ويچار ڪري ڏسو ته اسين
هن شرير ۾ رهي ڪهڙيءَ چيز جو غرور ۽ اهنڪار ڪريون

. ڇا جوانيءَ جو اهنڪار ڇڏائي؟ اسان ڪيئن جو پيدائش ۽ ڏٺو
هي، ڇا اسانکي پيدائش ۽ اڇلو آهي؟ حشمت جو غرور آسا
ڪرائون، ڇا اسان ڪڏهين اسپتالن ۾ بيمارن جي حالت ڏسي
ڏٺي آهي؟ شاهوڪاريءَ جو غرور آهي، ڇا وڏن وڏن
راجائن، مهاراجائن ۽ سيٺين شاهوڪارن کي ڪڏهن ڪنگالن وانگر
رستي تي اسان پٽڪندو نه ڏٺو آهي؟ ڇا اسين دنيا جي
حڪومت يا عزت يا عهدي ۽ حشمت جو اهنڪار ڪرئون
ٿا؛ وڏن وڏن ليڊرن ۽ ڪئپٽنن کي ڪڏهن ڦاسيءَ تي
چڙهندو يا گولين جو شڪار ٿيندو اسان نه ڏٺو آهي؟ راتون
رات اچانڪ حڪومتون بدلجي وڃن ٿيون ۽ برخلاف پارٽي
انهن کي ڪٽي جيل ۾ وجهي ٿي يا ڏوهن سان اڏائي ڇڏي
ٿي. ڪيتري اسين اهنڪار ۽ وڏائي ڪوڙيءَ ڳالهه جي
ڪرئون ٿا؟ ڪبير صاحب سمجهائين ٿا:

"لڪڙي ڪهي لوهار کو، ڪيا جاري تو موهه،
اِڪ دن ايسا آئيگا، مئن جارونگي توهه.
ماٽي ڪهي ڪمهار سي، ڪيا روندي تو موهه،
اِڪ دن ايسا آئيگا، مئن روندونگي توهه."

يعني لوهار لڪڙيءَ کي جلائي ان مان ڪوئلا
ٺاهيندو آهي. پر لڪڙي هڪڙي چوي ٿي ته ڪڏهن انوقت
جو به ويچار ڪر جڏهن مان توهان به ساڳيءَ طرح ٿي ڪوئلا
ٺاهيندس. ڪمهار مٽيءَ کي ڳوهي ڳوهي ان مان برتن ٺاهيندو
آهي. پر مٽي هڪڙي چوي ٿي ته هڪ ڏينهن مان توکي پاڻ
سان ڳوهي مٽي ڪري ڇڏيندس. سوامي جي مهاراج جن به اهو
ٿي فرمائين ٿا:

"من ري ڪيون ڪهان اب ڪرنا،
تن تو تيرا خاڪ ملڪا چوراسي جا پڙنا"

۲۰۰۱ ڪيتري اسانکي اپديش ڪن ٿا ته من ۾

همیشه نمرتا، عاجزي ۽ غريبي ڌارڻ گهرجي. جيت...
نمرتا ۽ دينتا اسان ۾ هوندي اولڙو ئي اسانجو ڪمار...
جيسي پڪتيءَ طرف وڌندو. بائيبل ۾ به ان نمرتا ۽ ع...
جي باري لکيل آهي:

"Blessed are the poor in spirit, for theirs is the kingdom of heaven." (Matthew 5 : 3)

"Blessed are the meek, for they shall inherit the earth." (Matthew 5 : 5)

يعني اهي پرش ڌن آهن جي نماڻا آهن ڇاڪاڻ ته سو... جي بادشاهي انهنکي ملندي.
اهي پيارا ڌن آهن جي نمرتا ڌارين ٿا ڇاڪاڻ ته اهيئي پرٿويءَ جا اڌڪاري ٿيندا.
ٻئي هنڌ لکيل ٿا:

"whosoever, therefore, shall humble himself as this little child, the same is greatest in the kingdom of heaven." (Matthew 18 : 4)

"Verily I say unto you, except ye be convertad, and become as little children, ye shall not enter into the kingdom of heaven." (Matthew 18 : 3)

يعني جيڪو پاڻکي ٻالڪ جهڙو (نردوش) بڻائيندو، سوئي سرڳ جي راڄ ۾ وڏو ليکبو.
مان توهان کي سچ چوان ٿو ته جيستائين توهين پنهنجي سياءَ کي ٻالڪن جهڙو سرل نه بڻائيندا تيستائين سرڳ جي راڄ ۾ داخل نه ٿي سگهندا.

...سوامي جي مهاراج جن به اهو ئي سمجهائين ٿا:
"دان غريبي چت ۾ ڌرنا، ڪام ڪروڌ سي بچنا."
...ڙي طرح گورو نانڪ صاحب پرارٿنا ڪن ٿا:
"...ڪهه نانڪ هم نيچ ڪرما، سرڻ پڙي کي راکهو شرما."

اوچ ڪوٽيءَ جا مهاتما لسي ڪري به پنهنجي لاءِ ڪيڙي
نمرتا ۽ عاجزيءَ جا لفظ استعمال ڪن ٿا. گورو نانڪ صاحب
پنهنجي باڻيءَ ۾ ڪيترن هنڌ پنهنجو پاڻ کي ”لالا گولا“
”داسن ڪا داس“ ”نيچ ڪرما“ جهڙي سڏن ٿا. اسانکي
مهاتمائن جي زندگيءَ مان سبق سکڻ گهرجي ته هو ڌر ڌام
هئڻ ۽ پاڻ ”ڪل مالڪ“ بڻجي به دم نٿا مارن، وڏائي
ڪرن ٿا ڪن. پر اسانکي ساڌارڻ طاقت يا حڪومت هٿ
اچي ٿي ته اسين انسان کي انسان ئي ڪونه ٿا سمجهون.
ڪبير صاحب سمجهائين ٿا:

”برا جو ديکن مين چلا، برا نه مليا ڪوءِ،
جب من کوجا آپنا، مجهه سا برا نه هوءِ.
ڪبير سب سي هم بري، هم تي ڀلا سب ڪوءِ،
جن ايسا ڪر بوجهيا، مت همارا سوءِ.“

هنن مهاتمائن جو اسانکي سمجهائڻ جو مطلب صرف اهو
آهي ته اسانکي ڪنهن به چيز جو اهنڪار نه ڪرڻ گهرجي.
مٿش ڏنهن ۾ وڌي من ۾ نمرتا ۽ عاجزي رکو ۽ نام جي
ڪمائي ڪرڻ چاهڻ ته انها نام جي ڪمائي ئي صرف
اسان سان ساٿ هلندي ۽ انهن ئي اسانجي مانش ديهه جو
مقصد پورو ٿي سگهندو. دادو صاحب سمجهائين ٿا:

”ڪيا مک لي هنس بولئي دادو دبي روءِ
جنم امولڪ آپنا چلي اڪارت کوءِ.“

اهڙي مهاتما جرنداس پنهنجي باڻيءَ ۾ لکن ٿا:

”هاٿي گهوڙي ڌن گهنا، چندر مکي بهو نار،
نام بنا جم لوڪ ۾، پاوت دک اپار.“

اهڙي گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

”بن نامي ڪو سنگ نه ساٿي، مکتي نام ڌياوڻيان.“

ماتما جي ڪرپا

جڏهن اسان ۾ نمرتا ۽ عاجزي اچي ٿي تڏهن اسانجو خيال
الڪ جي ڀڳتيءَ ۽ پيار طرف وڌندو ۽ اهو صرف گورمکن
جي سنگت ۽ صحبت ذريعي ئي وڃي سگهي ٿو. پر اهڙن
رمکن جي سنگت ۽ صحبت مالڪ جي بخشش سان ئي
ي ٿي. بابا سچ ته اهين آهي ته جڏهن مالڪ بخشش
ڪري ٿو تڏهن ئي اسانجو خيال هنجي ڀڳتيءَ ۽ پيار طرف
وڃي ٿو. گورو امرداس صاحب فرمائين ٿا:

”هر ساچي ڀاوي سا پوجا هووي ڀاڻا من وسائي.“

يعني جڏهن اُن مالڪ کي منظور هوندو تڏهن ئي اسين
مالڪ جي ڀڳتي ڪري سگهندا سين. اسين دنيا جا جيو اندا
آهيون. اندي کي طاقت ناهي جو سچي کي پڪڙي سگهي.
جيسين سچو يعني اکين وارو اندي کي آواز ڏيئي پنهنجي
وٽجهو نه سڏي يا پنهنجي آڱر پڪڙائي پاڻ سان نه وٺي
هلي. اسين دنيا جا جيو هن مايا جي جار ۾ ڦاسي، مالڪ
کي ڀلائي بلڪل اندا ۽ ٻوڙا ٿي پيا آهيون. مالڪ ئي بخشش
ڪري ته اسانجو خيال هنجي ڀڳتيءَ طرف وڃي. گورو
الڪ صاحب سمجهائين ٿا:

’جيون مرنا سب تڏي ٿائين،
جس بخشين تس دي وڊيائي.“

ڪبير صاحب به فرمائين ٿا:

سي سب هوت هے، ٻندي سي ڪڇ ناهين،
راست ڪري، پر است رائي مانهين.
ا نه ڪر سڪي، لهين ڪري جوگ شرير،
ا سو هري ڪيا، ڀئي ڪبير ڪبير.
نه ڪر سڪي، لهين ڪڇ ڪري جوگ،

جو ڪجهه ڪيا سو ڪوڙي ڪيا، ڏوجها ٿيائي لوڪ،
جو ڪجهه ڪيا سو ڪُر ڪيا، مُنِ ڪم ڪيا ناهين،
ڪنهين آکُون مُنِ ڪيا، ڪر هي ٿي مجيز ماهين.“

اهڙي طرح حضرت عيسيٰ به بائيبل ۾ فرمائين ٿا:

"Therefore said I unto you, that no man can come unto me, except it were given unto him of my Father." (John 6 : 65)

....

" No man can come to me, except the Father which hath sent me draw him." (John 6 : 44)

يعني انهيءَ ڪري مون اوهان کي چيو ته ڪوبه جيو مون وٽ نه اچي سگهندو جيستائين هنجي مٿان پرماتما جي دايا نه ٿي آهي.

....

ڪوبه جيو مون وٽ نه ايندو جيستائين هن کي منهنجو پتا پرماتما نه ڇڪيندو.“

يعني جيو کي ڪا طاقت ڪانهي جو هو مالڪ جي طرف اچي جيستائين مالڪ ئي هن تي بخشش ڪري. پنجين پاتشاهي گورو ارجن ديو جن ”بارهه ماهه“ شروع ڪرڻ کان اڳ لکن ٿا:

”ڪرت ڪرم ڪي وڇڙي ڪر ڪرپا ميلهو رام“

يعني فرمائين ٿا ته اي پرماتما! اسين پنهنجي ڪرمن جي ڪارڻ توکان وڇڙي ڀٽڪي رهيا آهيون. اسان جي وس ۾ ڪونهي جو توکانئين پهچي سگهون. تون ئي اسان تي دايا مهر ۽ بخشش ڪرين ته توکانئين پهچي سگهون. اڳتي گورو صاحب فرمائين ٿا:

”آپڻ لئيا جي ملي وڇڙ ڪيون روون،
ساڌو سنگ پراپتي، نانڪ رنگ مانڻ.“

يعني اي پرماتما! جي اسانجو وس هجي جو تو...
پهچي سگهون ته ڪنهنجي دل ڪندي جو توکان وڇڙي ...
هن چوراسيء جي جياجنداني ۾ پيا ڀٽڪندا رهون. اسان ...
اختيار ني ناهي جو پاڻهي تو تائين پهچي سگهون.
حضرت عيسيٰ ۾ ائين ني فرمائين ٿا:

"I pray not for the World, but for them which thou hast given me; for they are Thine." (John 17:9)

يعني اي پتا! مان دنيا جي سيني جيون لاء پرارٿنا ڪوند
تو ڪرهان. صرف انهن لاء جي تو منهنجي سپرد ڪيا آهن
ڇاڪاڻ جو اُهي تنهنجا آهن.
گورو نانڪ صاحب جن ته مالڪ جي باري ۾ اهستائيس
اکيو آهي:

”ڪوني ڪڙي لڌ آپ اُپائي، لڌ آپي پرکي اوڪ سمائي،
ڪرڙي پرکـ خزاني پائي، ڪوني پرم پلاو نيشان.“

يعني فرمائين ٿا ته اي پرماتما! سڀ دنيا جا جيو تو خود
پيدا ڪيا آهن. ڪوٽا ۾ کوٽي پيدا ڪيا آهن ته ڪڙا ۾ کوٽي
اُپايا آهن ۽ تون خود ئي انهي کي پرکڻ وٽو آهين ته ڪهڙو
ڪڙو آهي ۽ ڪهڙو کوٽو آهي. جنهنکي تون خود پنهنجي
پرکـ جي قابل بڻائين ٿو اُنکي تون پنهنجي خزاني ۾ داخل
ڪران ٿو. باقي سڀ هت پرمن ۾ ڦاسي توکي پلائي پٽڪي
رهيا آهن.

يعني پرماتما جڏهن ۾ دڀا مهر ڪري ٿو ته صرف سنتن
...هاتمائن جي ذريعي ني ڪري ٿو. هڪ پاڻ خود انساني
...ه ۾ واهي، اسان ۾ پهنجي ملڻ لاء شوق ۽ پيار پيدا
...ي، اسان کان پنهنجي ڀڳتي ڪرائي پنهنجو پاڻ سان
...ي ٿو. گورو امرداس صاحب اکن ٿا:

"ڪرم هوئي ستگور ملائي، سيوا سرت سبد چت لائي."

يعني فرمائين ٿا تہ جڏهن مالڪ بخشش ڪئي تڏهن اسانکي گور مکن جي صحبت ۽ سنگت پراپت ٿي. لنهن ڪانپوءِ اسان لي مهالمائن جي بخشيش ٿي جن اسانجي سرت کي شبد سان جوڙي ڇڏيو ۽ اُنهيءَ سرت ۽ شبد جي ابياس ڪري ئي اسانجو دنيا مان موهہ نڪري وڃي ٿو ۽ مالڪ لاءِ پيار پيدا ٿئي ٿو. حضرت عيسيٰ بہ بائيبل ۾ لکي ٿو:

"Ye have not chosen me, but I have chosen you, and ordained you, that ye should go and bring forth fruit. (John 15:16)

يعني تو مونکي ڪونہ چونڊيو بلڪ مون توکي چونڊيو آهي ۽ توکي حڪم ڏنو تہ انهيءَ جو لاڀ پراپت ڪر (نام جي ڪمائي ڪري لاڀ وٺ.)

يعني تہ جيو جي وس ۾ ڪجهہ ڪونهي جيسين ٿائين هن لي مالڪ ۽ گوروءَ جي بخشيش نہ ٿيندي. وري بہ هيئن فرمائين ٿا:

"A man can receive nothing except it be given him from heaven." (John 3:27)

يعني جيستائين مالڪ جي درگاهہ مان حڪم نہ ٿئي تيستائين جيو کي ڪجهہ بہ نہ ملندو.

اهڙي طرح گورو نانڪ صاحب سمجهائين ٿا:

"آپي ڪرتا ڪري ڪرائي، آپي سبد گورو من وسائي."

يعني سڀ ڪجهہ پرمالما خود ئي ڪري ٿو. هو جڏهن اسان کي پاڻ سان ملائڻ چاهي ٿو تہ گورمکن جي ذريعي اسانجي خيال کي شبد سان جوڙي ٿو. سنت مهالمائون مالڪ جا ئي موڪليل آهن ۽ جن جيون لي مالڪ جي بخشيش ٿئي ٿي، اُنهن جيون کي اُهي سنت مهالمائون پاڻ سان گڏ وٺي

وچي مالڪ ۾ سمائجن ٿا. حضرت عيسيٰ به بائيبل ۾ اهڙي ذڪر ڪن ٿا:

"I in them, and thou in me, that they may be made perfect in one and that the world may know that thou hast sent me, and hast loved them, as thou hast loved me." (John 17 : 23)

....

"And I give unto them eternal life; and they shall never perish, neither shall any man pluck them out of my hand. (John 10 : 28)

يعني مان هنن ۾ ۽ تون مون ۾ سمايل آهين انهيءَ لاءِ ته هو به تو ۾ ملي پورڻ بڻجن ۽ دنيا کي خبر پوي ته توئي مونکي موڪليو ۽ جهڙو پيار تو مونسان ڪيو اهڙو هنن سان به ڪيو.

....

مون انهنکي لافاني زندگي بخشي آهي ۽ هو ڪڏهن به ناس نه ٿيندا ۽ ڪا به شڪتي انهن کي مونکان ڇني نه سگهندي.

سنتن جو سنديش

هرهڪ مهاتما جو صرف، اهوئي اپديش آهي نه پرماتما هڪ آهي. اسان جي آتما اُن پرماتما جي انش آهي. اُن کي ملي ڪري ئي اسين جنم مرڻ جي ڏکن کان بچي سگهون ٿا. اهو پرماتما هرهڪ جي شرير اندر آهي ۽ اسانجي چولي ۾ ئي اُن پرماتما کي پائي سگهون ٿا. اسانجي اندر اسانجي من جي ئي رڪاوٽ آهي جنهڪري اسان اُن پرماتما کي پنهنجي اندر ۾ ڏسي نه ٿا سگهون. اِها من جي رڪاوٽ صرف شبد يا نام جي ڪمائي ڪرڻ سان ئي اسانجي

اندر مان دور ٿيندي آهي. اهو نام يا شبد ۽ مالڪ جي ملڻ
جو رستو به اُن مالڪ اسان جي شرير اندر ئي رکيو آهي ۽
مهاتمائن جي سنگت ۽ صحبت ذريعي اسين اُن رستي کي
اندر ڳولهي سگهون ٿا ۽ اُن شبد يا نام سان پنهنجو خيال
جوڙي سگهون ٿا. اُن شبد يا نام کي حضرت عيسىٰ (Word)
شبد يا (Living Water) آب حيات چئي بيان ڪيو آهي.
هو فرمائين ٿا:—

"But whosoever drinketh of the water that I shall give him shall never thirst; but the water that I shall give him shall be in him a well of water springing up into everlasting life." (John 4 : 14)

يعني جو به منهنجو ڏنل پاڻي (امرت) پيئندو سو الست
والي تائين پياسو نه رهندو ۽ اهو هن جي اندر هڪ اهڙو
چشمو بڻجي پوندو جو هميشه امر جيون بخشيندو.

گورو نانڪ صاحب ان کي امرت چئي سمجهايو آهي.
مسلمان فقير ان کي آب ڪوثر ۽ آب حيات چئي بيان ڪيو
آهي. چاڪاڻ ته ان نام کي پائي اسين هميشه لاءِ زنده ٿي
پئون ٿا ۽ جنم مرڻ جي چڪر کان بچي وڃون ٿا. اهڙن
مهاتمائن جي سنگت ۽ صحبت اسان کي هميشه پرماتما جي
دَيا مهر ۽ بخشش سان ئي ملي سگهي ٿي. ڪو به مهاتما
دنيا ۾ مالڪ جي ملڻ جي نئين فلاسافي يا اصول ڪڍڻ لاءِ
ايندو آهي. هر هڪ مهاتما انهيءَ ساڳيءَ فلاسافيءَ ۽ اصول
کي سمجهائيندو آهي. پر اسين هن جي وڃڻ کانپوءِ ٻاهرمکي
ٿي پوندا آهيون ۽ اصليت کي ڀلجي ويندا آهيون. پوءِ وري
ٻيو ڪو مهاتما ٻئي ڪنهن هنڌ اچي اسان کي انهيءَ اصليت جي
ياد ڏياريندو آهي ۽ اسان کي وهم ۽ ڀرم مان ڪڍندو
آهي. مالڪ پاڻ سان ملڻ جو اهو قدرتي قانون ۽ طريقو رکيو
آهي. اهي مهاتما ان قدرتي قانون موجب ئي اسان کي

آهو نام ياد ڪرائين ٿا، پنهنجي ڪا نئين تعليم ڪونه ٿا ڏين.
حضرت عيسيٰ به بائيبل ۾ فرمائين ٿا:-

"For I have not spoken of myself; but the Father which sent me, He gave me a Commandment what I should say, and what I should speak.
(John 12:49)

....

"My doctrine is not mine, but His that sent me."
(John 7 : 16)

مون پنهنجي طرفان ڪجهه نه چيو آهي بلڪ پرم پتا جنهنجي حڪم سان مان هتي آيو آهيان انهي لاءِ انوسار ئي مان ڳالهايان ٿو.

....

منهنجو اُپديش منهنجو نه بلڪ جنهن موڪليو آهي اُن جو آهي.

هر هڪ مهاتما پنهنجي ذاتي تجربي مان ئي اسانکي سمجهائي ٿو. مهاتما گرنٿ پوٿيون پڙهي پوءِ اسانکي اُپديش ڪونه ٿا ڪن. آهي نه جيڪي پنهنجي اکين سان ڏسن ٿا ۽ جيڪي به انهنجو پنهنجو ذاتي تجربو آهي، اهوئي بيان ڪن ٿا:- گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:-

"سنتن ڪي سن ساچي ساکي، سو بولين جو پيکين آنکي"

اڳتي پڻ هنڌ فرمائين ٿا:-

"جيسي مين آوي خصم کي باڻي،
تيسڙا ڪري گيان وي لالو."

اهڙي طرح دادو صاحب به اهوئي فرمائين ٿا:-

"دادو ديکا ديدا، سب ڪوئي ڪهت شنيدا."

تلسي صاحب به فرمائين ٿا:-

"نج نئنا ديکا هيئي آنکي، جس جس تلسي ڪهه ڪهه ڀاکي"

اهڙي طرح جيڪي اکين سان ڏٺو آهي اهو ئي سمجهائي رهيو آهيان. دنيا جا ماڻهو ته ٻڌل ٻڌايل ڳالهيون ڪندا آهن. حضرت عيسيٰ به اهوئي فرمائين ٿا :—

"I say unto thee, we speak that we do know, and testify that we have seen." (John 3 : 11)

مان توکي سچ ٿو چوان ته مان انهيءَ حقيقت جو ذڪر ڪري رهيو آهيان جنهن جو مونکي گيان آهي ۽ جيڪي مون ڏٺو آهي.